القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

ٻير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سُوۡرَةُ الۡاَنۡبِيَآءِ مَكِّيَّةٌ ۔ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۔ اٰيَاتُهَا ١١٢ ۔ رُكُوۡعَاتُهَا ٧

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِقۡتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمۡ وَهُمۡ فِىۡ غَفۡلَةٍ مُّعۡرِضُوۡنَ ۚ ①

ويجهو ٿيو ماڻهن لاءِ سندن حساب ۽ اهي غفلت ۾ آهن منهن موڙيندڙ.

ماڻهن لاءِ سندن حساب ويجهو ٿيو آهي ۽ اهي غفلت ۾ (رهي ڪانڌس) منهن موڙيندڙ آهن.

مَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ ذِكۡرٍ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ مُّحۡدَثٍ اِلَّا اسۡتَمَعُوۡهُ وَ

نہ ٿي اچي انهن ڏانهن ڪا نصيحت سندن رب کان تازي مگر ٻڌن ٿا ان کي ۽

سندن پالڻهار وٽان ڪا نئين نصيحت وٽن نہ ايندي آهي، پر اُن کي (ٺٺولي وانگر راند) ڪيڏندي ٻڌندا آهن.

هُمۡ يَلۡعَبُوۡنَ ۙ ② لَاهِيَةً قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَاَسَرُّوا النَّجۡوَى ۖ الَّذِيۡنَ

اهي راند ڪن ٿا. ويسليون آهن دليون انهن جون، ۽ لڪائي ڪيائون ڳجهي ڳالهہ جن

سندن دليون وائڙيون، آهن ۽ ظالم ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن تہ هي (پيغمبر)

ظَلَمُوۡا ۖ هَلۡ هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ ۚ اَفَتَاۡتُوۡنَ السِّحۡرَ وَاَنۡتُمۡ

ظلم ڪيو تہ ناهي هيءُ (محمد صلي الله عليه وسلم) مگر ماڻهو توهان جهڙو، ڇا پوءِ اچو ٿا توهان جادو ۾

اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهي، ۽ اوهين ڏسي وائسي جادوءَ کي ڇو ويجها ويندا آهيو؟.

تُبۡصِرُوۡنَ ③ قٰلَ رَبِّىۡ يَعۡلَمُ الۡقَوۡلَ فِى السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ ۡ

ڏسي وائسي. ان چيو منهنجو رب ڄاڻي ٿو هر ڳالهہ آسمان ۽ زمين ۾

(پيغمبر) چيو تہ منهنجو پالڻهار سڀ ڳالهہ ڄاڻندو آهي (جيڪا بہ) آسمان ۽ زمين ۾ (جتي هجي).

وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ④ بَلۡ قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍ بَلِ

۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. وري چيائون ڪوڙا خواب اٿس نہ پر

۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. بلڪ چيائون تہ (اهو قرآن) اجايا خيالات آهن بلڪ ان کي ٺاهہ ٺاهيو اٿس بلڪ

افۡتَرٰىهُ بَلۡ هُوَ شَاعِرٌ ۖۚ فَلۡيَاۡتِنَا بِاٰيَةٍ كَمَاۤ اُرۡسِلَ الۡاَوَّلُوۡنَ ⑤

اهو ڪوڙ ٺاهيو اٿس بلڪ اهو شعر چوندڙ آهي. پوءِ ڀل آڻي اسان وٽ ڪا نشاني جيئن موڪليا ويا هئا اڳيان رسول.

اهو شاعر آهي، پوءِ جڳائي تہ اسان وٽ ڪا نشاني آڻي جهڙيءَ طرح پهريان (پيغمبر) موڪليا ويا هئا.

مَاۤ اٰمَنَتۡ قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَهۡلَكۡنٰهَا ۚ اَفَهُمۡ

ڪونہ مڃيو هئائون انهن کان اڳي ڪنهن ڳوٺ وارن جنکي اسان تباهہ ڪيو هئو، ڇا پوءِ هي

(هائو!) ڪوبہ ڳوٺ جنهن کي اڳ ناس ڪيوسون تنهن (جي رهاڪن پنهنجن پيغمبرن تي) ايمان نہ آندو هو.

يُؤْمِنُوْنَ ۝٦ وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ
ايمان آڻيندا؟ ۽ نہ موڪليو اسان توکان اڳي مگر مردن کي وحي ڪندا هئاسون انهن ڏانهن
پوءِ هي ايمان آڻيندا ڇا؟. ۽ (اي پيغمبرا) توکان اڳ رڳو مرد پيغمبر موڪلياسون جن ڏانهن وحي ڪيوهيوسون.

فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٧ وَمَا جَعَلْنٰهُمْ
پوءِ پڇا ڪريو يادگيري وارن کان جيڪڏهن توهان نہ ڄاڻندا آهيو. ۽ نہ بڻايوسون انهن جو
(ڇئو تہ) جيڪڏهن نہ ڄاڻندا آهيو تہ علم وارن کان پڇو. ۽ انهن (پيغمبرن) جو اهڙو جسم نہ بڻايوسون

جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ ۝٨ ثُمَّ
اهڙو جسم جو نہ کائين کاڌو ۽ نہ هئا هميشہ رهندڙ. پوءِ
جو طعام نہ کائن ۽ نہ سدائين رهڻ وارا هئا. وري ساڻن (پنهنجي) انجام

صَدَقْنٰهُمُ الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَمَنْ نَّشَآءُ وَاَهْلَكْنَا
سچو ڪيوسون انهن سان وعدو پوءِ بچايوسون انهن کي ۽ جنکي گهريوسون ۽ هلاڪ ڪيوسون
کي سچو ڪيوسون پوءِ انهن کي ۽ جنهن لاءِ گهريوسون تنهن کي بچايوسون ۽ حد کان لنگهندڙن

الْمُسْرِفِيْنَ ۝٩ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ
حد لنگهندڙن کي بيشڪ اسان نازل ڪيو آهي توهان ڏانهن قرآن جنهن ۾ نصيحت آهي توهان لاءِ.
کي ناس ڪيوسون. بيشڪ اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيوسون جنهن ۾ اوهان لاءِ نصيحت آهي.

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝١٠ ع وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً
ڇا پوءِ نہ ٿا سمجهو. ۽ ڪيترائي پيهين ڇڏياسون ڳوٺ جو هئا اهي ڏوهاري
پوءِ ڇو نہ سمجهندا آهيو؟. ۽ ڪيترائي ڳوٺ جو اهي ظالم هئا. ويران ڪياسون

وَّاَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ۝١١ فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا هُمْ
۽ اٿارياسون انهن کان پوءِ ماڻهو ٻيا. جڏهن ڏٺائون عذاب اسان جو تڏهن اهي
۽ ڪانئن پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيون سون. پوءِ جنهن دم اسان جو عذاب محسوس ڪيائون (تنهن دم) اُمالڪ

مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ۝١٢ ؕ لَا تَرْكُضُوْا وَارْجِعُوْٓا اِلٰى مَآ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ
ان کان ڀڄڻ لڳا. نہ ڀڄو ۽ موٽي اچو اوڏانهن جتي توهان عيش ڪندا هئا
اتاهون اهي ڀڄڻ لڳا ٿي. (چيوسون تہ) نہ ڀڄو ۽ جن (نعمتن) ۾ سکيا هيو تن ڏانهن ۽ پنهنجن

وَمَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْـَٔلُوْنَ ۝١٣ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝١٤
۽ موٽو پنهنجي گهرن ۾ من توهان کان پڇيو وڃي. چيائون هاءِ اسان جي حال تي بيشڪ هئاسون اسان بي فرمان.
گهرن ڏانهن موٽو تہ مَنَ اوهان کان پڇيو وڃي. چوندا رهيا تہ اسان لاءِ ويل آهي بيشڪ اسين ظالم هئاسون!

فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ﴿١٥﴾

پوءِ يڪي هوندي اها انهنجي پڪار آخر ڪيوسون انهن کي لاباروٽيل اجهامي ويندڙ.

پوءِ سدائين سندن اهو پڪارڻ هو، تان جو لڻيل (۽) وساميل ڪيوسون.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿١٦﴾ لَوْ اَرَدْنَآ

۽ اسان نہ پيدا ڪيو آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهنجي وچ ۾ آهي راند لاءِ. جيڪڏهن گهرون ها اسين

۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي سا ڪا اسان راند نہ بنائي آهي. جيڪڏهن اسان کي راند بڻائڻ

اَنْ نَّتَّخِذَ لَهْوًا لَّاتَّخَذْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّآ ۖ اِنْ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿١٧﴾ بَلْ

بنائڻ شغل تہ بڻايون ها ان کي پاڻ وٽ، جيڪڏهن ڪجهہ ڪريون ها. پر

جو ڪو ارادو هجي ها تہ ضرور اُن کي پاڻ وٽان بڻايون ها جيڪڏهن اسين ڪندڙ هجون ها! (پر اسين ائين ڪندڙ نہ آهيون).

نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ؕ وَ

هڻون ٿا حق کي باطل تي پوءِ مٿو ڀڃي ٿو ان جو پوءِ اهو گم ٿيندڙ آهي، ۽

بلڪ سچ کي ڪوڙ تي اڇليندا آهيون پوءِ اهو سندس مٿو ڀڃندو آهي، پوءِ اُنهيءَ مهل اهو (ڪوڙ) چٽ ٿيندڙ آهي،

لَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾ وَلَهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

توهان کي حيف هجي ان تي جيڪي چئو ٿا. ۽ انهيءَ لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي،

۽ جيڪي (الله جون) وصفون اوهين بيان ڪندا آهيو تنهن سببان اوهان لاءِ خرابي آهي!. ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي

وَمَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسْتَحْسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ ۚ

۽ جيڪي ان وٽ حاضر آهن نہ ٿا وڏائي ڪن. ان جي عبادت ڪان ۽ نہ ٿا ٿڪجن.

سو الله جو آهي، ۽ جيڪي وٽس آهن سي سندس عبادت ڪان وڏائي نہ ڪندا آهن ۽ نڪي ٿڪبا آهن.

يُسَبِّحُوْنَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لَا يَفْتُرُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمِ اتَّخَذُوْٓا اٰلِهَةً

تسبيح پڙهن ٿا رات ۽ ڏينهن ۽ نہ ٿا سست ٿين. ڇا ورتا اٿن ٻيا خدا

(اهي) رات جو ۽ ڏينهن جو پاڪائي بيان ڪندا آهن، سست نہ ٿيندا آهن. زمين (جي شين) مان اهڙا معبود ورتا اٿن ڇا

مِّنَ الْاَرْضِ هُمْ يُنْشِرُوْنَ ﴿٢١﴾ لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ

زمين ۾ اهي ٿا ڪين هلائين. جيڪڏهن هجن ها انهن ٻنهي ۾ ٻيا خدا

جو اهي (مٽي ڪان پوءِ ڪين) ڪڙو ڪندا؟ جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله ڪان سواءِ (گهڻا) معبود هجن ها تہ

اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٢٢﴾

الله ڪان سواءِ تہ ٻئي تباهہ ٿي وڃن ها، پوءِ پاڪ آهي الله عرش جو مالڪ انهن ڳالهين ڪان جيڪي ٻڌائن ٿا.

(آسمان ۽ زمين) ٻئي اجڙن ها! پوءِ (ڪافر) جيڪو بيان ڪندا آهن تنهن (ڳالهہ) ڪان عرش جو مالڪ الله پاڪ آهي.

لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْـَٔلُوْنَ ﴿٢٣﴾ اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ

نہ پڇيو ويندو ان کان جيڪي اهو ڪري ٿو ۽ انهن کان پڇا ٿيندي. ڇا ورتا اٿن انهيءَ

(الله) جيڪي ڪندو آهي تنهن بابت (اهو) نہ پڇبو ۽ انهن کان پڇا ڪبي. اُن کان سواءِ (ٻيا) معبود ڇو ورتائون؟

دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ ۚ هٰذَا ذِكْرُ مَنْ مَّعِيَ

کان سواءِ ٻيا معبود؟ چؤ آڻيو دليل پنهنجو هي ذڪر آهي مون سان گڏ وارن جو

(اي پيغمبر کين) چئو تہ پنهنجو (توريت ۽ انجيل مان) دليل آڻيو، هي (قرآن) منهنجي سنگت جي نصيحت آهي

وَذِكْرُ مَنْ قَبْلِيْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ

۽ ذڪر مونکان اڳين جو، پر گهڻا انهن جا نہ ٿا ڄاڻن حق کي

۽(هي) مون کان اڳ وارن جي نصيحت آهي، ۽ بلڪ انهن مان گهڻا حق کي نہ ڄاڻندا آهن.

فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ

پوءِ اهي منهن موڙيندڙ آهن. ۽ نہ موڪليو آهي اسان توکان اڳ ۾ ڪوئي رسول

تنهن ڪري اهي منهن موڙيندڙ آهن. ۽ توکان اڳ جيڪو (بہ) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي وحي

اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ

مگر چوندا هئاسون ان کي تہ ناهي ڪوئي معبود مگر آءٌ پوءِ عبادت ڪريو منهنجي. ۽ چيائون ورتي آهي

ڪيوسون تہ مون کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪريو. ۽ چون ٿا تہ الله (پنهنجي لاءِ

الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ ۙ لَا يَسْبِقُوْنَهٗ

رحمان اولاد الله پاڪ آهي، پر اهي ٻانها آهن عزت وارا. نہ ٿا اڳرائي ڪن انهي سان

ملائڪ) اولاد ورتو آهي. اهو پاڪ آهي، بلڪ (ملائڪ الله جا) سڳورا ٻانها آهن. ڳالهائڻ ۾ ان کان اڳڀائي نہ ڪندا آهن ۽

بِالْقَوْلِ وَهُمْ بِاَمْرِهٖ يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

ڳالهائڻ ۾ ۽ اهي ان جي حڪم سان ڪم ڪن ٿا. اهو ڄاڻي ٿو جيڪي انهن جي اڳيان آهي

اهي سندس حڪم موجب ڪم ڪندا آهن. جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي

وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يَشْفَعُوْنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى وَهُمْ

۽ جيڪي انهن جي پٺيان آهي ۽ نہ ٿا سفارش ڪن مگر ان جي جنهن لاءِ راضي ٿئي ۽ اهي

۽ (الله) جنهن کان راضي ٿئي تنهن کان سواءِ ٻئي لاءِ سفارش نہ ڪندا آهن ۽ اهي

مِّنْ خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَمَنْ يَّقُلْ مِنْهُمْ اِنِّيْٓ اِلٰهٌ مِّنْ

ان جي خوف کان ڊڄندڙ آهن. ۽ جيڪو چوندو انهن مان تہ آءٌ خدا آهيان ان کان

سندس ڊپ کان ڊڄندڙ آهن. ۽ منجهانئن جيڪو چوي تہ الله کان سواءِ آءٌ معبود آهيان

ع

دُونِهٖ فَذٰلِكَ نَجْزِيْهِ جَهَنَّمَ ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ع ﴿٢٩﴾

سواءِ | پوءِ انهي کي | سزا ڏينداسون | جهنم جي | ائين ئي | سزا ڏيندا آهيون | ظالمن کي.

تنهن کي دوزخ جي سزا ڏينداسون. ظالمن کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون.

اَوَلَمْ يَرَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ كَانَتَا

ڇا | نه | ڏٺو | ڪافرن | ته | آسمان | ۽ | زمين | هئي هئا

ڪافرن نه ڏٺو آهي ڇا ته آسمان ۽ زمين بند ٿيل هئا؟ پوءِ اُنهن

رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا ۭ وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَاۗءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ ۭ

بند | پوءِ کوليا سون اهي | ۽ | بنايوسون | پاڻيءَ مان | هر شيءِ | جيئري کي.

کي کوليوسون، ۽ سڀ ڪنهن جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيوسون.

اَفَلَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَجَعَلْنَا فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ

ڇا پوءِ نه | تا ايمان آڻين. | ۽ | رکياسون | ڌرتي ۾ | گهراوزن | ته | لاڙو ڪري

پوءِ ڇو نه ايمان آڻيندا آهن؟ ۽ زمين ۾ جبل پيدا ڪياسون ته متان ڪين جيئري ڏوڏي

بِهِمْ ۠ وَجَعَلْنَا فِيْهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٣١﴾

انهن ڏانهن | ۽ | ڪياسون | انهن ۾ | ڪشادا | رستا | ته جيئن اهي | هلن.

۽ منجهس ويڪرا رستا بڻاياسون ته مَن اهي واٽ لهن.

وَجَعَلْنَا السَّمَاۗءَ سَقْفًا مَّحْفُوْظًا ښ وَّهُمْ عَنْ اٰيٰتِهَا

۽ | ڪيوسون | آسمان کي | ڇت | مضبوط، | ۽ | اهي | ان جي | نشانين کان

۽ آسمان کي محفوظ ڇت بڻائي سون، ۽ اُهي اُن جي نشانين کان

مُعْرِضُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمْسَ

منهن موڙيندڙ آهن. | ۽ | اهوئي آهي جنهن | پيدا ڪيو | رات | ۽ | ڏينهن کي | ۽ | سج

منهن موڙيندڙ آهن. ۽ (الله) اُهو آهي جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ بڻايو.

وَالْقَمَرَ ۭ كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا جَعَلْنَا لِبَشَرٍ

۽ | چنڊ کي، | اهي سيئي | مدار ۾ | ترن ٿا. | ۽ | نه | ڪيوسون | ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ

هر هڪ (پنهنجي) دائري ۾ ترندو آهي. ۽ توکان اڳ ڪنهن ماڻهوءَ کي سدائين رهڻ وارو نه ڪيوسون.

مِّنْ قَبْلِكَ الْخُلْدَ ۭ اَفَا۟ىِٕنْ مِّتَّ فَهُمُ الْخٰلِدُوْنَ ﴿٣٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ

توکان اڳ | سدائين رهڻ، | ڇا پوءِ جي | تون مري وڃين | ته اهي | هميشه رهندا؟ | هر | نفس

جيڪڏهن تون مُئين ته اهي سدائين رهڻ وارا آهن ڇا؟ سڀ ڪو جيءُ موت (جو مزو)

ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ؕ وَاِلَيْنَا
چکندڙ آهي موت کي، ۽ اسان آزمائينداسون توهانکي برائي ۽ ڀلائي سان امتحان لاءِ ۽ اسان ڏانهن ئي
چکڻ وارو آهي، ۽ اوهان کي مدائي ۽ چڱائي سان آزمائش لاءِ پرکيندا آهيون. ۽ اسان ڏانهن
تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِذَا رَاٰكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ
موٽايا ويندؤ. ۽ جڏهن ڏسن ٿا توکي اهي جن ڪفر ڪيو رڳو ڪن ٿا توسان
موٽائبو. ۽ جڏهن ڪافر توکي ڏسندا آهن تڏهن توکي رڳو ٺٺولي ڪري وٺندا آهن.
اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِيْ يَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَهُمْ بِذِكْرِ الرَّحْمٰنِ
مسخريون، ڇا هيءُ اهو آهي جيڪو ڳالهائيندو آهي توهانجي مالڪن کي، ۽ اهي خود رحمان جي سارڻ جا
(۽ چوندا آهن) ته هي اهو آهي ڇا؟ جيڪو اوهان جي معبودن (جي عيبن) جو ذڪر ڪندو آهي ۽ اهي الله کي
هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ خُلِقَ الْاِنْسَانُ مِنْ عَجَلٍ ؕ سَاُورِيْكُمْ اٰيٰتِيْ
ئي انڪاري آهن. پيدا ڪيو ويو انسان اٻهرو ڪري، جلد ڏيکاريندم توهان کي پنهنجون نشانيون
ياد ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن. انسان (فطرتن) جلدباز بڻايو ويو آهي، سگهو پنهنجيون نشانيون اوهان کي
فَلَا تَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٣٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ
پوءِ تڪڙ نه ڪريو مون سان. ۽ چون ٿا ڪڏهن آهي اهو وعدو جيڪڏهن آهيو
ڏيکاريندس پوءِ مون کان (عذاب) جلد نه گهرو. ۽ چون ٿا ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته، اهو انجام ڪڏهن ٿيندو؟.
صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ لَوْ يَعْلَمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا حِيْنَ لَا يَكُفُّوْنَ عَنْ
سچا. جيڪر ڄاڻن ها ڪافر جنهن وقت نه روڪي سگهندا پنهنجن
جيڪڏهن ڪافر ان وقت کي ڄاڻن ها جنهن مهل نه کي پنهنجن منهن
وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَلَا عَنْ ظُهُوْرِهِمْ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٣٩﴾
منهن کان باهه کي ۽ نه پنهنجن پٺين کان ۽ نکي اهي مدد ڏنا ويندا.
۽ نه کي پنهنجن پٺين کان باهه کي جهلي سگهندا ۽ نه کي ڪين مدد ڏبي (ته ائين نه چون ها)!.
بَلْ تَاْتِيْهِمْ بَغْتَةً فَتَبْهَتُهُمْ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ رَدَّهَا وَ
بلڪ ايندي وٽن اوچتو پوءِ وائڙو ڪندي انهن کي پوءِ نه سگهه رکندا ان جي هٽائڻ تي ۽
بلڪ (اها گهڙي)، وٽن اوچتو ايندي پوءِ کين حيران ڪندي پوءِ نکي اها ٽاري سگهندا
لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ
نکي اهي مهلت ڏنا ويندا. ۽ يقيناً مسخري ڪئي وئي رسولن سان توکان اڳي
۽ نکي کين مهلت ڏبي. ۽ بيشڪ توکان اڳ پيغمبرن سان ٺٺوليون ڪيون ويون پوءِ منجهائن جن

فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٤١﴾ ع

پوءِ اٿلي پيئي | انهن تي جن | مسخري ڪئي | انهن سان | اها شيءِ | جنهن جي | مسخري ڪندا هئا.

ٺٺوليون ڪيون تن تي اهو عذاب ڪڙڪيو جنهن سان ٺٺوليون ڪندا هئا.

قُلْ مَنْ يَّكْلَؤُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ مِنَ الرَّحْمٰنِ ؕ بَلْ هُمْ

چؤ | ڪير ٿو | بچائي توهان کي | رات جو | ۽ | ڏينهن جو | رحمان ڪان، | پر | اهي

(اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، رات ۽ ڏينهن جو ٻاجهاري (الله جي عذاب) ڪان ڪير اوهان جي نگهباني ڪندو آهي؟

عَنْ ذِكْرِ رَبِّهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمْ لَهُمْ اٰلِهَةٌ تَمْنَعُهُمْ

پنهنجي رب جي ياد ڪان | منهن موڙيندڙ آهن. | يا انهن لاءِ آهن | ٻيا خدا جيڪي بچائن ٿا انهن کي

بلڪ اهي پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ ڪان منهن موڙيندڙ آهن. اسان ڪان سواءِ (بچائڻ وارا ٻيا) ڪي معبود آهن

مِّنْ دُوْنِنَا ؕ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَ اَنْفُسِهِمْ وَلَا هُمْ مِّنَّا

اسان ڪان سواءِ | نہ | ٿا ڪري سگهن | مدد | پنهنجي | ۽ نڪي | اهي | اسان ڪان

جا جو انهن کي بچائيندا؟ اهي پاڻ کي بہ مدد ڏيئي نہ سگهندا آهن ۽ نڪي اهي (هڪ ٻئي جي مدد سان) اسان

يُصْحَبُوْنَ ﴿٤٣﴾ بَلْ مَتَّعْنَا هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى طَالَ عَلَيْهِمُ

ڇڏايا ويندا. | بلڪ اسان فائدو ڏنو آهي | انهن کي | ۽ سندن ابن ڏاڏن کي | تان جو | ڊگهي ٿي | انهن تي

(جي عذاب) ڪان بچندا. بلڪ ڪين ۽ سندن پيءُ ڏاڏن کي آسودو ڪيوسون تان جو سندن ڄمار ڊگهي ٿي،

الْعُمُرُ ؕ اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ

ڄمار، | ڇا پوءِ نہ | ٿا ڏسن | تہ اسين اچون ٿا | ڌرتي کي | گهٽائيندا | ان جي پاسن ڪان،

پوءِ نہ ٿا ڏسن ڇا تہ (ڪافرن جي) ملڪ کي اُن جي چوڌاري (مسلمانن جي غالب ٿيڻ سان) گهٽائيندا پيا اچون؟

اَفَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ قُلْ اِنَّمَآ اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْيِ ۖ وَلَا يَسْمَعُ

ڇا پوءِ اهي | زور ٿيندڙ آهن؟ | چؤ آءٌ | رڳو | ڊيڄاريان ٿو توهان کي | وحي سان | ۽ | نہ | ٿا ٻڌن

پوءِ اهي ڏاڍا ٿيندا ڇا؟ (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، آءٌ اوهان کي وحيءَ سان ئي ڊيڄاريندو آهيان ۽ جڏهن (ماڻهو) ڊيڄاريا ويندا

الصُّمُّ الدُّعَآءَ اِذَا مَا يُنْذَرُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَلَئِنْ مَّسَّتْهُمْ نَفْحَةٌ

ٻوڙا | سڏ کي | جڏهن | ڪين ڊيڄاريو وڃي ٿو. | ۽ جيڪڏهن | پهچندي انهن کي | لهس

آهن. تڏهن ٻوڙو (ڊيڄارڻ جو) سڏ نہ ٻڌندو آهي، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جي عذاب مان ٿورڙو ئي ڪين پهچي

مِّنْ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَنَضَعُ

تنهنجي رب جي عذاب جي | تہ ضرور چوندا | هاءِ افسوس | اسان | هئاسون | ظالم | ۽ رکنداسون

تہ ضرور چون تہ هاءِ ارمان! اسين ظالم هئاسون. ۽ قيامت جي

الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْئًا ؕ وَ

ساهمي عدل جي قيامت جي ڏينهن پوءِ نہ ظلم ڪيو ويندو ڪنهن سان ڪجهہ بہ. ۽

ڏينهن عدل جي ترازي رکنداسون. پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي ڪو بہ ظلم نہ ڪبو. ۽ جيڪڏهن

اِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَكَفٰى بِنَا

جيتوڻيڪ هجي اهو برابر آهر جي داڻي سان تہ بہ آڻينداسون انهيءَ کي، ۽ اسين ڪافي آهيون

(عمل) آهرَ جي داڻي جي تور هوندو تہ بہ اُن کي آڻينداسون، ۽ اسين حساب ڪندڙ بس آهيون.

حٰسِبِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَضِيَآءً

حساب لاءِ. ۽ البت ڏنوسون موسىٰ ۽ هارون کي معجزو ۽ نور

۽ بيشڪ موسىٰ ۽ هارون کي (سچ کي ڪوڙ کان) نکيڙيندڙ ڪتاب ۽ (اُنهن) پرهيزگارن لاءِ روشني

وَّذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَهُمْ

۽ نصيحت پرهيزگارن لاءِ. جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان پرپٺ ۽ اهي

۽ نصيحت ڏني سون. جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄندا آهن ۽ اهي

مِّنَ السَّاعَةِ مُشْفِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ؕ

قيامت کان بہ ڊڄندڙ آهن. ۽ هي ذڪر مبارڪ آهي جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي،

قيامت کان (پڻ) ڊڄندڙ آهن. ۽ هي (قرآن) هڪ برڪت واري نصيحت آهي جنهن کي نازل ڪيوسون،

اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَآ اِبْرٰهِيْمَ رُشْدَهٗ ع ٩

ڇا پوءِ توهان انهيءَ جا انڪاري آهيو؟. ۽ بيشڪ ڏني سون ابراهيم کي سندس چڱي راهہ

پوءِ ڇو اوهين اُن جا منڪر ٿيندا آهيو؟. ۽ بيشڪ ابراهيم کي اڳ ئي سندس هدايت ڏني سون

مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا بِهٖ عٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾ ج اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا

اڳ ئي ۽ اسان ان کي ڄاڻندڙ هئاسون. جڏهن چيائين پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي ڪهڙا

۽ کيس ڄاڻندڙ هئاسون. جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين تہ هي ڪهڙيون

هٰذِهِ التَّمَاثِيْلُ الَّتِيْٓ اَنْتُمْ لَهَا عٰكِفُوْنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوْا

آهن هي بت جن لاءِ توهان سيڙيا ويٺا آهيو. چيائون

مورتون آهن جن تي اوهين ويهي عبادت ٿا ڪريو؟. چيائون تہ

وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا لَهَا عٰبِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ لَقَدْ كُنْتُمْ اَنْتُمْ

لڌوسون پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهن جي عبادت ڪندڙ. چيائين يقينن آهيو توهان

پنهنجا ابا ڏاڏا اُنهن جا پوڄيندڙ ڏٺاسون. (ابراهيم) چيو تہ بيشڪ اوهين پاڻ

وَاٰبَآؤُكُمۡ فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٥٤﴾ قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا بِالۡحَقِّ اَمۡ اَنۡتَ
۽ توهان جا ابا ڏاڏا گمراهي پڌري ۾. چيائون ڀلا آندو آهي تو اسان وٽ حق يا تون آهين
۽ اوهان جا ابا ڏاڏا پڌري گمراهيءَ ۾ آهيو. چيائون اسان وٽ سچ آندو اٿيئي يا تون

مِنَ اللّٰعِبِيۡنَ ﴿٥٥﴾ قَالَ بَلۡ رَّبُّكُمۡ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ
کيڏارين مان. چيائين پر رب توهان جو آهي رب آسمانن ۽ زمين جو
راند ڪندڙن مان آهين؟. (ابراهيم) چيو ته بلڪ اوهان جو پالڻهار اهو ئي آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار آهي

الَّذِىۡ فَطَرَهُنَّ ۖ وَاَنَا عَلٰى ذٰلِكُمۡ مِّنَ الشّٰهِدِيۡنَ ﴿٥٦﴾ وَتَاللّٰهِ
جنهن پيدا ڪيو انهن کي ۽ آءٌ انهيءَ ڳالھ جي شاهدي ڏيندڙ آهيان. ۽ قسم الله جو
جنهن اهي بڻايا آهن ۽ آءٌ ان (ڳالھ) تي شاهدي ڏيندڙن مان آهيان. ۽ الله جو قسم آهي!

لَاَكِيۡدَنَّ اَصۡنَامَكُمۡ بَعۡدَ اَنۡ تُوَلُّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿٥٧﴾ فَجَعَلَهُمۡ
ضرور آءٌ ڪار ڪندس توهان جي بتن سان هن کان پوءِ جو توهان ويندؤ پٺي ڏئي. پوءِ ڪيائين انهن کي
ته اوهان جي پليري ٿي ڦرڻ کان پوءِ اوهان جي بتن لاءِ ضرور ڪا رٿ ڪندس. پوءِ انهن کي

جُذٰذًا اِلَّا كَبِيۡرًا لَّهُمۡ لَعَلَّهُمۡ اِلَيۡهِ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿٥٨﴾ قَالُوۡا مَنۡ
ٽڪر ٽڪر سواءِ سندن وڏي جي ته من اهي انهيءَ ڏانهن موٽي اچن. چيائون ڪنهن
سندن وڏي بت کان سواءِ، ٽڪر ٽڪر ڪيائين ته مَن اهي ڏانهنس موٽن. چيائون ته

فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَاۤ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٥٩﴾ قَالُوۡا سَمِعۡنَا
ڪيو هيءُ اسان جي اِلاهن سان بيشڪ اهو ته ظالمن مان آهي. چيائون ٻڌو اٿئون
اسان جي بتن سان هھڙو حال ڪنهن ڪيو؟ بيشڪ اهو ظالمن مان آهي. چيائون ته هڪ جوان کان ٻڌوسون

فَتًى يَّذۡكُرُهُمۡ يُقَالُ لَهٗۤ اِبۡرٰهِيۡمُ ؕ ﴿٦٠﴾ قَالُوۡا فَاۡتُوۡا بِهٖ
هڪ جوان جو پڇر ڪندو آهي انهن جي ڪوٺيو ويندو آهي ان کي ابراهيم. چيائون آڻيو انکي
ته سندن گلا ٿي ڪيائين، ان کي ابراهيم سڏيندا آهن. چيائون ته ڪيس ماڻهن جي اکين جي آڏو آڻيو

عَلٰۤى اَعۡيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَشۡهَدُوۡنَ ﴿٦١﴾ قَالُوۡۤا ءَاَنۡتَ فَعَلۡتَ هٰذَا
سامهون ماڻهن جي ته اهي شاهدي ڏين. چيائون ڇا تو ڪيو اهو ڪم
ته مَن اهي گواهي ڏين. (جڏهن آندائونس تڏهن) چيائون تي اي ابراهيم! تو اسان جي بتن جو هيءُ حال ڪيو آهي ڇا؟.

بِاٰلِهَتِنَا يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ ؕ ﴿٦٢﴾ قَالَ بَلۡ فَعَلَهٗ ۖ كَبِيۡرُهُمۡ هٰذَا فَسۡـَٔلُوۡهُمۡ
اسان جي الاهن سان اي ابراهيم؟ چيائين ته پر ڪئي اها ڪار انهن جي وڏي هن، سو پڇا ڪريو انهن کان
ابراهيم چيو ته (نه!) بلڪ اِهو سندن هن وڏي ڪيو آهي، جيڪڏهن ڳالهائين ٿا ته ڪانئن پڇو؟.

اِنۡ كَانُوۡا يَنۡطِقُوۡنَ ﴿٦٣﴾ فَرَجَعُوۡۤا اِلٰۤى اَنۡفُسِهِمۡ فَقَالُوۡۤا اِنَّكُمۡ اَنۡتُمُ

جيڪڏهن آهن ڳالهائيندڙ. پوءِ وريا پنهنجو پاڻ ڏانهن ۽ چيائون توهان ئي

پوءِ پاڻ ڏانهن (ڦڪا ٿي) موٽيا پوءِ (هڪ ٻئي کي) چيائون ته بيشڪ اوهين پاڻ بي اِنصاف آهيو.

الظّٰلِمُوۡنَ ۙ﴿٦٤﴾ ثُمَّ نُكِسُوۡا عَلٰى رُءُوۡسِهِمۡ ۚ لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَا هٰۤؤُلَاۤءِ

ظلم ڪندڙ آهيو. پوءِ اونڌا ٿيا پنهنجن سِرن تي، توکي سُڌ آهي ته اهي نه

پوءِ پنهنجا ڪنڌ اونڌا ڪيائون، (چيائون) ته بيشڪ تون ڄاڻندو آهين ته هي نه

يَنۡطِقُوۡنَ ﴿٦٥﴾ قَالَ اَفَتَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُكُمۡ

ڳالهائيندا آهن. چيائين ڇا پوءِ پوڄيو ٿا توهان الله کان سواءِ اهڙن کي جو نه فائدو ڏين توهان

ڳالهائيندا آهن. (ابراهيم) چيو ته پوءِ الله کان سواءِ اُنهن کي ڇو پوڄيندا آهيو جيڪي نه ڪي اوهان کي نفعو پهچائيندا

شَيۡـًٔا وَّلَا يَضُرُّكُمۡ ﴿٦٦﴾ ؕ اُفٍّ لَّكُمۡ وَلِمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ

ڪي ڪجھ ۽ نڪي نقصان ڏين توهان کي. آءٌ بيزار آهيان اوهان کان ۽ جنکي پوڄيو ٿا الله کانسواءِ،

آهن ۽ نه ڪي اوهان کي نقصان پهچائيندا آهن؟. اوهان تي ۽ جنهن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهيو تنهن تي حيف هجي!

اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوۡا حَرِّقُوۡهُ وَانۡصُرُوۡۤا اٰلِهَتَكُمۡ اِنۡ

ڇا پوءِ نه ٿا عقل ڪريو. چيائون ساڙيو انهي کي ۽ مدد ڪريو پنهنجي الاهن جي جيڪڏهن

پوءِ (اوهين) نه سمجهندا آهيو ڇا؟. چيائون ته، اُن کي ساڙيو ۽ جيڪڏهن اوهين ڪجھ ڪرڻ گهرو ٿا ته پنهنجن بتن جو پلئو وٺو.

كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ ﴿٦٨﴾ قُلۡنَا يٰنَارُ كُوۡنِىۡ بَرۡدًا وَّسَلٰمًا عَلٰۤى اِبۡرٰهِيۡمَ ۙ﴿٦٩﴾ وَ

ڪجھ ڪندڙ آهيو. اسان چيوسون اي باهه ٿي پؤ ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ابراهيم تي. پوءِ

(پوءِ باهه ۾ وڌائونس) چيوسون ته اي باهه! ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي پئو! ۽

اَرَادُوۡا بِهٖ كَيۡدًا فَجَعَلۡنٰهُمُ الۡاَخۡسَرِيۡنَ ﴿٧٠﴾ ۚ وَنَجَّيۡنٰهُ وَلُوۡطًا

ارادو ڪيائون ان سان ايذاءَ جو پوءِ ڪيوسون انهنکي ناڪام. ۽ بچائي ڪڍيوسون انهي کي ۽ لوط کي

ڪيس ايذائڻ گهريائون تنهن ڪري ڪين بلڪل ٽوٽي وارو ڪيوسون. ۽ ڪيس ۽ لوط کي اهڙي زمين ڏانهن

اِلَى الۡاَرۡضِ الَّتِىۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا لِلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧١﴾ وَوَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ ؕ

انهي زمين ڏانهن جنهن ۾ برڪت ڪئي هئي سون جهان وارن لاءِ. ۽ بخشيوسون ان کي اسحاق،

بچائي آنديوسون جنهن ۾ جهان وارن لاءِ برڪت ڪئي سون. ۽ ابراهيم کي اسحاق بخشيوسون.

وَيَعۡقُوۡبَ نَافِلَةً ؕ وَكُلًّا جَعَلۡنَا صٰلِحِيۡنَ ﴿٧٢﴾ وَجَعَلۡنٰهُمۡ اَئِمَّةً

۽ يعقوب انعام طور، ۽ سڀني کي ڪيوسون ڀلارو. ۽ بڻايوسون انهن کي اڳواڻ

۽ يعقوب، (جو سندس پوٽو هو) وڌيڪ (بخشيوسون) ۽ سڀني کي صالح ڪيوسون. ۽ اُهي اهڙا امام ڪياسون

يَهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ

جي هدايت ڪن پيا اسان جي حڪم سان ۽ چوائي موڪليوسون انهن کي عمل ڪرڻ نيڪين جو ۽ قائم ڪرڻ نماز جو

جو اسان جي حڪم موجب سڌو رستو ڏيکاريندا هئا ۽ انهن ڏانهن چڱن ڪمن ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ

وَاِيْتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَكَانُوْا لَنَا عٰبِدِيْنَ ﴿٧٣﴾ وَلُوْطًا اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا

۽ ڏيڻ زڪوات جو، ۽ هئا اسان جي بندگي ڪندڙ. ۽ لوط کي ڏنوسون حڪم

۽ زڪوات ڏيڻ جو حڪم ڪيوسون، ۽ اسان جي عبادت ڪندڙ هئا. ۽ لوط کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون

وَّعِلْمًا وَّنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ تَّعْمَلُ الْخَبٰٓئِثَ ۭ

۽ علم ۽ بچايوسون ان کي انهيءَ ڳوٺ کان جو اهي ڪندا هئا برا ڪم.

۽ کيس اهڙي ڳوٺ (وارن) کان بچايوسون جو گندا ڪم ڪندا هئا، جو

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ سَوْءٍ فٰسِقِيْنَ ﴿٧٤﴾ وَاَدْخَلْنٰهُ فِيْ رَحْمَتِنَا ۭ اِنَّهٗ

اهي هئا ماڻهو بڇڙا نافرمان. ۽ داخل ڪيوسون انکي پنهنجي رحمت ۾، بيشڪ اهو

تہ اهي بڇڙي نافرمان قوم هئا. ۽ کيس پنهنجي ٻاجهہ هيٺ داخل ڪيوسون، بيشڪ اهو

مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾ وَنُوْحًا اِذْ نَادٰى مِنْ قَبْلُ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ع٥

هئو ڀلارن مان. ۽ نوح جي ڳالهہ جڏهن انهيءَ پڪاريو هئو اڳ تہ ورنايوسون انکي

صالحن مان هو. ۽ (اي پيغمبر!) نوح (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن (انهن پيغمبرن کان) اڳ، دعا گهريائين

فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٦﴾ وَنَصَرْنٰهُ مِنَ

پوءِ بچايوسون ان کي ۽ سندس گهر کي مصيبت وڏي کان. ۽ ان جي مدد ڪئي سون انهيءَ

تڏهن سندس دعا قبول ڪئي سون پوءِ کيس ۽ سندس گهر وارن کي وڏي مصيبت کان بچايوسون. ۽ کيس اهڙي قوم تي

الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ سَوْءٍ فَاَغْرَقْنٰهُمْ

قوم کان جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي، اهي هئا ماڻهو بڇڙا پوءِ ٻوڙيوسون

سوڀارو ڪيوسون جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، بيشڪ اهي بڇڙي قوم هئا تنهن ڪري انهن مڙني کي ٻوڙيوسون.

اَجْمَعِيْنَ ﴿٧٧﴾ وَدَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ اِذْ يَحْكُمٰنِ فِي الْحَرْثِ اِذْ

انهن سڀني کي. ۽ داؤد ۽ سليمان جڏهن فيصلو ڪرڻ لڳا پوک جو جڏهن

۽ داؤد ۽ سليمان (جي قصي) کي (ياد ڪرا) جڏهن پوک بابت فيصلو ڪيائون جو

نَفَشَتْ فِيْهِ غَنَمُ الْقَوْمِ ۚ وَكُنَّا لِحُكْمِهِمْ شٰهِدِيْنَ ﴿٧٨﴾

رات جو ڀيل ڪئي ان ۾ قوم جي ڌڻ، ۽ اسين هئاسون انهن جي فيصلي ۾ حاضر.

هڪ قوم جي ڌڻ (رات جو) منجهس ڀيل ڪئي هئي، ۽ سندن فيصلي ڪرڻ وقت حاضر هئاسون.

فَفَهَّمْنٰهَا سُلَيْمٰنَ ج وَكُلًّا اٰتَيْنَا حُكْمًا وَّعِلْمًا ز وَّسَخَّرْنَا
پوءِ سمجهايوسون اهو فيصلو سليمان کي، ۽ ٻنهي کي ڏنوسون حڪم ۽ علم ۽ تابع ڪياسون
تڏهن اهو سليمان کي سمجهايوسون ۽ هرهڪ کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون ۽ دائود کي جبل ۽ پکي تابع ڪري ڏناسون

مَعَ دَاوٗدَ الْجِبَالَ يُسَبِّحْنَ وَالطَّيْرَ ط وَكُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَعَلَّمْنٰهُ
دائود لاءِ جبل اهي تسبيح پڙهن پيا ۽ پکي پڻ، ۽ اهو اسان ئي ڪندڙ آهيون. ۽ سيکاريوسون انکي
جو (ساڻس) تسبيح چوندا هئا، ۽ (اسين ائين) ڪرڻ وارا هئاسون. ۽ دائود کي اوهان لاءِ

صَنْعَةَ لَبُوْسٍ لَّكُمْ لِتُحْصِنَكُمْ مِّنْۢ بَاْسِكُمْ ج فَهَلْ اَنْتُمْ
ٺاهڻ زرهن جو توهان لاءِ جيئن بچائن توهان کي توهانجي لڙائي ۾، ڇا پوءِ اوهين
زره ٺاهڻ هن لاءِ سيکاري سون تہ اوهان کي اوهان جي لڙائي (جي نقصان) کان بچائي، پوءِ اوهين ڪي

شٰكِرُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ عَاصِفَةً تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖۤ اِلَى
شڪر ڪندؤ. ۽ سليمان لاءِ تابع ڪئي سون هواءِ تيز رفتار جو هلي پئي ان جي حڪم سان
شڪر ڪندڙ آهيو ڇا؟ ۽ سليمان کي تيز واءُ (تابع ڪري ڏنوسون) جو سندس حڪم سان اهڙيءَ زمين ڏانهن

الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ط وَكُنَّا بِكُلِّ شَيْءٍ عٰلِمِيْنَ ﴿٨١﴾ وَ
انهي ملڪ ڏانهن جو برڪت ڪئي سون اتي، ۽ اسان هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهيون. ۽
هلندو هو جنهن ۾ برڪت رکي سون، ۽ سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهيون. ۽ ديون

مِنَ الشَّيٰطِيْنِ مَنْ يَّغُوْصُوْنَ لَهٗ وَيَعْمَلُوْنَ عَمَلًا دُوْنَ
تابع ڪياسون ڪيترا شيطان جيڪي ٽٻيون پيا هڻن انهي لاءِ ۽ ڪن پيا ڪيترائي ڪم ان کان
مان ڪي اهڙا (تابع ڪري ڏناسون) جي اُن لاءِ ٽٻندا هئا ۽ اُن کان سواءِ ٻيو ڪم (بہ) ڪندا هئا.

ذٰلِكَ ج وَكُنَّا لَهُمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٨٢﴾ لا وَاَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّيْ
سواءِ ۽ اسين هئاسون انهن جا سنڀاليندڙ. ۽ ايوب جي ڳالهہ جنهن وقت سڏيائين پنهنجي رب کي تہ
۽ اسين سندن نگهبان هئاسون. ۽ (اي پيغمبر!) ايوب (جي قصي) کي (ياد ڪر!) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين تہ

مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٨٣﴾ صلے ج فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا
پهتي آهي مونکي تڪليف ۽ تون ئي سڀ کان وڌيڪ رحم وارو آهين، پوءِ ٻڌوسين ان کي پوءِ لاٿي سون
مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون (سڀني) ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهين. پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون پوءِ

مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّاٰتَيْنٰهُ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً
اها سندس تڪليف ۽ ڏنوسون ان کي سندس گهر ٻار ۽ اوترا ٻيا بہ انهن سان گڏ ٻاجهہ سان
جيڪو کيس ڏک پهتو هو سو لاٿو سون ۽ سندس گهر وارا کيس (ورائي) ڏناسون ۽ اوترا ٻيا بہ ساڻن گڏ

مِّنْ عِنْدِنَا وَذِكْرٰى لِلْعٰبِدِيْنَ ﴿٨٤﴾ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِدْرِيْسَ

پنھنجي طرفان ۽ نصيحت پانھن لاءِ ۽ اسماعيل ۽ ادريس

پنھنجيءَ ٻاجھ وٽان (ڏناسون) ۽ (تہ) عبادت ڪندڙن لاءِ يادگيري ھجي. ۽ اسماعيل ۽ ادريس

وَذَا الْكِفْلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَاَدْخَلْنٰهُمْ فِيْ رَحْمَتِنَا ؕ

۽ ذوالڪفل، اھي سمورا ھئا صبر وارا. ۽ داخل ڪيوسون انھن کي پنھنجي رحمت ۾.

۽ ذوالڪفل (ياد ڪر!) ھرھڪ صابرن مان ھو. ۽ کين پنھنجي ٻاجھ ۾ داخل ڪيوسون.

اِنَّهُمْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَذَا النُّوْنِ اِذْ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ

بيشڪ اھي ھئا ڀلارا. ۽ ڳالھ مڇي جي صاحب جي جڏھن نڪتو ڪاوڙجي پوءِ ڀانيائين

بيشڪ اھي صالحن مان ھئا. ۽ مڇي واري قصي کي (ياد ڪر!) جڏھن ھو (پنھنجي قوم) تي ڪاوڙجي ويو. پوءِ

اَنْ لَّنْ نَّقْدِرَ عَلَيْهِ فَنَادٰى فِى الظُّلُمٰتِ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ

تہ نہ تنگي ڪنداسون مٿس پوءِ پڪاريائين اونداھين ۾ تہ ناھي ڪوئي مالڪ مگر تون ئي

(ذوالنون ائين) ڀانيو تہ اسان جي مٿس ڪڏھن پڪڙ نہ ھلندي پوءِ اونداھين ۾ دانھون ڪيائين تہ توکان سواءِ ڪو

سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٧﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ

پاڪ آھي تنھنجي ذات، آءٌ آھيان بي انصافن مان. پوءِ سڏ پڌوسون ان جو ۽ ڇڏايوسون انکي

معبود نہ آھي تون پاڪ آھين ۽ آءٌ گنھگارن مان آھيان! پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون ۽ کيس غم کان بچايوسون.

مِنَ الْغَمِّ ؕ وَكَذٰلِكَ نُـْۨجِى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ وَزَكَرِيَّآ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ

غم کان. ۽ اھڙي ريت ڇڏائيندا آھيون مومنن کي. ۽ زڪريا جي ڳالھ جڏھن سڏيائين پنھنجي رب کي

۽ اھڙيءَ طرح مومنن کي بچائيندا آھيون. ۽ زڪريا (جو قصو ياد ڪر) جڏھن پنھنجي پالڻھار کي سڏيائين

رَبِّ لَا تَذَرْنِيْ فَرْدًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٨٩﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۫

تہ اي منھنجا رب نہ ڇڏ مونکي اڪيلو ۽ تون ئي ڀلو وارث آھين. پوءِ سڏ پڌوسون ان جو

تہ اي منھنجا پالڻھار! مون کي اڪيلو نہ ڇڏ ۽ تون چڱو وارث آھين. پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون

وَوَهَبْنَا لَهٗ يَحْيٰى وَاَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ

۽ بخشيوسون ان کي يحيٰ ۽ چاڪ ڪيوسون انھي لاءِ ان جي زال کي، بلاشڪ اھي تڪڙ ڪندا ھئا؟

۽ کيس يحيٰ بخشيوسون ۽ سندس زال کي سندس لاءِ چڱو ڪيوسون اھي نيڪين ۾ اڳرائي ڪندا ھئا

فِى الْخَيْرٰتِ وَيَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕ وَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ﴿٩٠﴾

نيڪين ۾ ۽ سڏيندا ھئا اسان کي اميد ۽ خوف وچان، ۽ ھئا اسان جا نيازمند.

۽ اسان کي اميد ۽ ڊپ کندي سڏيندا ھئا. ۽ اسان کان ڊڄندڙ ھئا.

وَالَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا مِنْ رُّوْحِنَا وَجَعَلْنٰهَا

۽ ڳالهه ان جي جنهن قابو ڪئي پنهنجي ڪنوارپ پوءِ ڦوڪ ڏني سون ان ۾ پنهنجي امر سان ۽ ڪيوسون ان کي

۽ (انهي مائيءَ جو قصو ياد ڪرا) جنهن پنهنجي اوگھڙ بچائي پوءِ منجهس پنهنجي روح مان ڦوڪيوسون ۽

وَابْنَهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩١﴾ اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّاَنَا

۽ ان جي پٽ کي نشاني جهان وارن لاءِ بيشڪ اها آهي توهان جي جماعت واحد جماعت ۽ آءٌ آهيان

کيس ۽ سندس پٽ کي ساري جڳ لاءِ نشاني ڪئي سون. بيشڪ اِهو اوهان جو دين، هڪ دين آهي ۽ آءٌ

رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ﴿٩٢﴾ وَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ۭ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ﴿٩٣﴾ ع

توهان جو پاليندڙ پوءِ منهنجي بندگي ڪريو. ۽ ٽوڙي وڌائون پنهنجي معاملي کي پاڻ ۾. سڀئي اسان ڏانهن رجوع ٿيندا.

اوهان جو پالڻهار آهيان تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪريو. ۽ پنهنجي (دين جي) ڪمن کي پاڻ ۾ ٽڪر ٽڪر ڪيائون.

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ

پوءِ جيڪو ڪندو چڱا ڪم ۽ آهي مومن پوءِ ناهي بي قدري ان جي ڪوشش جي.

سڀئي مون ڏانهن موٽندڙ آهن. پوءِ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اهو مؤمن به هوندو تنهن جي محنت جي بي قدري نه ڪبي.

وَاِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ﴿٩٤﴾ وَحَرٰمٌ عَلٰي قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَآ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٩٥﴾

۽ اسان ٿي ان جا لکندڙ آهيون. ۽ بندش پيل آهي ان ڳوٺ تي جنهنکي هلاڪ ڪيوسون بس اهي نه موٽندا.

۽ اسين اُن لاءِ لکندڙ آهيون. ۽ جنهن ڳوٺ کي ناس ڪيوسون تنهن تي (موٽڻ) حرام ٿيل آهي بيشڪ اُهي (دنيا ڏانهن وري) نه موٽندا.

حَتّٰٓي اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ

آخر جڏهن کوليا ويندا ياجوج ۽ ماجوج ۽ اهي هر لاهيءَ تان

تان جو جڏهن ياجوج ۽ ماجوج کي کولبو ۽ اهي هر ڪنهن دڙي کان ڊوڙندا.

يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَاقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ

ڊوڙندا ايندا. ۽ ويجهو ٿيو آهي وعدو سچو پوءِ ان وقت ٽڙي ويندين اکيون

۽ (جڏهن قيامت جي) سچو وعدو پهچندو تڏهن اوچتو ئي ڪافرن جون اکيون ٽڙي وينديون.

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا

ڪافرن جون. چوندا هاءِ افسوس! بلڪ هئاسون غفلت ۾ هن کان بلڪ هئاسون

(چوندا ته) هاءِ ارمان! بيشڪ هن (حال) کان بي خبريءَ ۾ هئاسون بلڪ اسين ظالم هئاسون.

ظٰلِمِيْنَ ﴿٩٧﴾ اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ۭ

ڏوهاري. بيشڪ توهان ۽ جنکي پوڄيندا آهيو توهان الله کان سواءِ ٽِل آهيو دوزخ جو.

اوهين ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهيو سي دوزخ جو ٻارڻ آهيو.

اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ﴿٩٨﴾ لَوْ كَانَ هٰٓؤُلَآءِ اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوْهَاؕ وَ

توهان اتي اچڻا آهيو. جيڪڏهن هجن ها اهي خدا تہ نہ پون ها دوزخ ۾، ۽

ان ۾ اوهين گهڙندڙ آهيو. جيڪڏهن اهي (بت) معبود هجن ها تہ اُن (دوزخ) ۾ نہ گهڙن ها!

كُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٩٩﴾ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّهُمْ فِيْهَا لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾

سمورا اتي هميشہ رهندا. انهن جون اتي رڙيون هونديون ۽ اهي ان ۾ ڪجهہ نہ ٻڌندا.

۽ مڙيئي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. منجهس انهن کي رڙيون هونديون ۽ اُهي منجهس (ڪجهہ) نہ ٻڌندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰٓىۙ اُولٰٓئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ﴿١٠١﴾ لا

بيشڪ اهي مقرر ٿي جن لاءِ اسان جي طرفان چڱائي اهي انهي کان پري ڪيا ويندا.

جن لاءِ اسان وٽ اڳي ئي چڱائي (لکيل) آهي اُهي اُن (دوزخ) کان پري ڪبا.

لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَاۚ وَهُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ

نہ ٻڌندا آواز انهيءَ جو، ۽ اهي پنهنجي دل گهرين نعمتن ۾

(اُهي) اُن جي ڀڻڪ نہ ٻڌندا، ۽ جنهن (عيش) ۾ سندن جيءُ (رهڻ) گهرندو تنهن ۾

خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٢﴾ لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَتَتَلَقّٰهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُؕ

هميشہ رهندا. نہ ملول ڪندو انهن کي گهٻرات وڏو ۽ ملندا انهن سان ملائڪ.

اُهي سدائين رهندا. ڪين تمام وڏي گهٻراهٽ غمگين نہ ڪندي ۽ ڪين ملائڪ گڏبا.

هٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ يَوْمَ نَطْوِي السَّمَآءَ

هي توهان جو اهو ڏينهن آهي جنهن جو توهان سان وعدو هئو. جنهن ڏينهن ويڙهينداسون آسمان کي

(۽ چوندن تہ) هي اُهو ڏينهن آهي جنهن جو اوهان کي وعدو ڏنو ويندو هو. جنهن ڏينهن آسمان کي

كَطَيِّ السِّجِلِّ لِلْكُتُبِؕ كَمَا بَدَاْنَآ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗؕ وَعْدًا

جيئن ويڙهجي ويڙهو ڪاغذن جو، جيئن پيدا ڪيوسون پهرئين ڀيري اُيئن ئي موٽائينداسون ان کي، وعدو آهي

ڪاغذ جي ويڙهي وانگي ويڙهينداسون. جيئن پهريون (مخلوق) پيدا ڪرڻ شروع ڪئي سون (تيئن) اُن کي

عَلَيْنَاؕ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْۢ بَعْدِ

اسان جو، اسان آهيون پورو ڪندڙ. ۽ اسان لکيو آهي زبور ۾ تورات کان

وري بنائينداسون. اهو انجام اسان تي لازم آهي، اسين ڪرڻ وارا آهيون. ۽ بيشڪ توريت کان پوءِ زبور ۾ لکيوسون

الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ ﴿١٠٥﴾ اِنَّ فِيْ

پوءِ تہ ملڪ جا وارث ٿيندا منهنجا ٻانها لائق ماڻهو. بيشڪ انهي ۾

تہ منهنجا صالح ٻانها زمين جا وارث ٿيندا. هن (ڳالهہ) ۾ عبادت ڪندڙ

هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً

پرچار آهي — قوم — عبادت ڪندڙن لاءِ. — ۽ رڳو — اسان موڪليو آهي توکي — رحمت ڪرڻ لاءِ

قوم لاءِ (مطلب جي) پورائي آهي. ۽ (اي پيغمبر!) توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسون.

لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ قُلْ اِنَّمَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ

جهانن تي. — تون چؤ — رڳو — حڪم آيو آهي مون ڏانهن — تہ — معبود توهان جو — خدا — هڪڙو آهي.

چئو تہ مون وٽ هن حڪم کان سواءِ وحي نہ ٿيندو آهي تہ هڪ الله کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود نہ آهي.

فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى

ڇا پوءِ — توهان — حڪم مڃيندڙ آهيو. — پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين — تون چؤ — توهان کي ڳالهہ پڌائي اٿم

پوءِ اوهين ڇو نہ حڪم مڃيندڙ آهيو؟ پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ چئو تہ اوهان (سڀني) کي (الله جي حڪم تي) هڪ جهڙو خبردار

سَوَآءٍ ؕ وَاِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ اِنَّهٗ

پوري، — ۽ — آءٌ نہ تو ڄاڻان — تہ ويجهو آهي — يا — پري آهي — توهان سان ڪيل انجام. — اهو ئي

ڪيم. ۽ جيڪو اوهان کي انجام ڏنو ويو سو نہ ٿو ڄاڻان تہ ويجهو آهي يا پري آهي. بيشڪ الله

يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ الْقَوْلِ وَيَعْلَمُ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ وَاِنْ

ڄاڻي ٿو — ڏاڍيان — ڳالهايل ڳالهہ — ۽ — اهو ڄاڻي ٿو جيڪي توهان لڪايو ٿا. — ۽ — مون

ظاهري ڳالهہ (بہ) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي اوهين لڪائيندا آهيو سو (بہ) ڄاڻندو آهي. ۽ آءٌ نہ ڄاڻندو آهيان

اَدْرِيْ لَعَلَّهٗ فِتْنَةٌ لَّكُمْ وَمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۱۱﴾ قٰلَ

نہ تو ڄاڻان — شايد اها — پرڪا هجي — توهان جي — ۽ — فائدو — ڪجهہ وقت تائين. — چيو رسول

تہ متان اهو ڍرايل (دير) اوهان لاءِ پرک هجي ۽ هڪ وقت تائين (اوهان لاءِ) نفعو هجي. (پيغمبر) چيو تہ اي

رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ وَرَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ ع النصف

اي منهنجا رب ڪر فيصلو انصاف سان. — ۽ رب اسانجو — ٻاجهارو — مددورتل آهي — ان تي جيڪي — توهان بيان ڪيو ٿا.

منهنجا پالڻهار! سچو فيصلو ڪر! ۽ اسان جو پالڻهار ٻاجهارو آهي جيڪي اوهين بيان ڪندا آهيو تنهن تي ڪانئس مدد گهري ويندي آهي.

سُوْرَةُ الْحَجِّ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ۷۸ رُكُوْعَاتُهَا ۱۰

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ﴿۱﴾

اي انسانو! — ڊڄو پنهنجي رب کان، — بيشڪ — ڌوڏو — قيامت جو — شيءِ — وڏي آهي.

اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو، ڇو تہ قيامت وارو زلزلو وڏي شيءِ آهي.

يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّآ اَرْضَعَتْ وَتَضَعُ

جنهن ڏينهن ڏسندؤانکي تہ وساريندي هر ٿڃ ڏيندڙ پنهنجي کير پياڪ کي ۽ ڪيريندي

جنهن ڏينهن اُن کي ڏسندؤ (تنهن ڏينهن) هر ٿڃ پياريندڙ (زائفان) جنهن (ٻار) کي ٿڃ پياريندي هوندي تنهن

كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمْ

هر پيٽ واري پنهنجي ٻچي کي، ۽ ڏسندين ماڻهن کي بيهوش ۽ نہ هونداهي

کي (دهشت کان) وساريندي ۽ هر پيٽ واري پنهنجي ڳَپ کي ڪيريندي ۽ ماڻهن کي بيهوش ڏسندين حالانڪ اهي

بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ② وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ

بيهوش پر عذاب الله جو سخت آهي. ۽ ڪو ماڻهن مان اهو آهي جو جهڳڙو ڪري ٿو

نشي ۾ نہ هوندا پر الله جو عذاب سخت آهي!. ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾

فِى اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّيَتَّبِعُ كُلَّ شَيْطٰنٍ مَّرِيْدٍ ③ كُتِبَ عَلَيْهِ

الله جي شان ۾ بناڄاڻ جي ۽ پيروي ڪري ٿو هر شيطان سرڪش جي. لکجي ويو ان تي

بي سمجهي سان تڪرار ڪندو آهي ۽ هر شيطان ترڪيل جي پٺيان لڳندو آهي. اُن (شيطان) تي لازم ڪيو ويو آهي

اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَيَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ④

تہ جيڪو سنگت ڪندو ساڻس پوءِ اهو گمراهہ ڪندو ان کي ۽ وٺي ويندو ان کي عذاب دوزخ جي ڏانهن.

تہ جيڪو ڪيس دوست رکندو تنهن کي بيشڪ اهو گمراهہ ڪندو ۽ اُن کي دوزخ جي عذاب ڏانهن رستو ڏيکاريندو.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ مِّنَ الْبَعْثِ فَاِنَّا خَلَقْنٰكُمْ

اي انسانو! جيڪڏهن آهيو اوهان شڪ ۾ وري جيري اٿڻ کان پوءِ اسان ئي اپايو آهي توهان کي

اي انسانو! جيڪڏهن (قيامت ۾) اٿارڻ کان اوهين شڪ ۾ پيل آهيو تہ اسان اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو.

مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ

مٽيءَ مان پوءِ قطري مان پوءِ رت جي ڏڳ مان پوءِ ٻوٽي

وري نطفي مان، وري رت جي ڏڳ مان، وري گوشت جي ٻوٽيءَ مان پورو بنايل

مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيْرِ مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ لَكُمْ ؕ وَنُقِرُّ فِى الْاَرْحَامِ مَا

بڻيل ۽ اڻ بڻيل مان جيئن پڌايون توهان کي، ۽ رهايون ٿا پيٽن ۾ جنهنکي

۽ اڻ پورو بڻايل. هن لاءِ تہ اوهان کي کولي بيان ڪريون. ۽ جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي مقرر

نَشَآءُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْۤا اَشُدَّكُمْ ۚ

گهرون وقت مقرر تائين پوءِ ڪيون ٿا توهان کي ٻار ڪري پوءِ جيئن پهچو پنهنجي طاقت کي،

مدت تائين گهٽين ۾ رهائيندا آهيون، وري ٻار بڻائي اوهان کي ٻاهر ڪڍندا آهيون. وري (نپائيندا آهيون) تہ اوهين

وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْلَا

۽ توهان مان کو فوت ٿئي ٿو ۽ توهان مان کو رسائجي ٿو ردي عمر ڏانهن جيئن نہ

پنهنجي جوانيءَ کي پهچو، ۽ اوهان مان کو (اڳي) مرندو آهي ۽ اوهان مان ڪنهن کي (جهورائي جي) نڪمي ڄمار

يَعْلَمَ مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَتَرَى الْاَرْضَ هَامِدَةً فَاِذَآ

ڄاڻي سمجهڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ ۽ ڏسين ٿو ڌرتيءَ کي غيرآباد پوءِ جڏهن

ڏانهن هن لاءِ ورايو ويندو آهي تہ ڄاڻپ کان پوءِ ڪجهہ نہ ڄاڻي، ۽ زمين کي غيرآباد ڏسندو آهين پوءِ جڏهن

اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ وَاَنْۢبَتَتْ مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ

وسايون ٿا ان تي مينهن تہ چُري پُري ٿي ۽ اڀري ٿي ۽ ڦٽائي ٿي هر قسم

مٿس پاڻي وسائيندا آهيون تڏهن اڀامندي آهي ۽ تازي ٿيندي آهي ۽ سڀ ڪنهن جنس مان چڱا سلا ڄمائيندي آهي.

بَهِيْجٍ ﴿٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّهٗ يُحْىِ الْمَوْتٰى وَاَنَّهٗ

وڻندڙ مان. اهو هن ڪري تہ بيشڪ الله حق آهي ۽ بيشڪ اهو جيئرو ڪندو آهي مُئلن کي ۽ بيشڪ اهو

اهو (بيان) هن لاءِ آهي جو، الله (جوئي هجڻ) حق آهي ۽ اهوئي مُئن کي جياريندو ۽ اهو

عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ۙ﴿٦﴾ وَّاَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا ۙ

هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ آهي. ۽ بيشڪ قيامت اچڻي آهي ناهي ڪو بہ شڪ جنهن ۾

سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. ۽ تہ قيامت اچڻي آهي منجهس ڪو شڪ نہ آهي

وَاَنَّ اللّٰهَ يَبْعَثُ مَنْ فِى الْقُبُوْرِ ﴿٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ

۽ بيشڪ الله اٿاريندو قبرن ۾ پيلن کي. ۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جو جهڳڙو ڪري ٿو

۽ تہ جيڪي قبرن ۾ هوندا تن کي الله (قيامت ۾) اٿاريندو، ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾

فِى اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۙ﴿٨﴾ ثَانِىَ عِطْفِهٖ

الله جي شان ۾ بنا ڄاڻ جي ۽ بنا دليل جي ۽ بنا ڪتاب روشن جي. موڙيندي پنهنجي ڪلهي کي

بنا علم ۽ بنا هدايت ۽ بنا ڪنهن روشن ڪتاب جي تڪرار ڪندو آهي. (وڏائيءَ کان) ڪنڌ موڙيندڙ ٿي،

لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ فِى الدُّنْيَا خِزْىٌ وَّنُذِيْقُهٗ

جيئن گمراهہ ڪري الله جي رستي کان، ان جي لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ چکائينداسون انکي

هن لاءِ تہ، (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان گمراهہ ڪري، ان لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٩﴾ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ يَدٰكَ وَ

قيامت ڏينهن عذاب باهہ جو. اهو هن ڪري جو موڪليو آهي تنهنجي هٿن ۽

ڪيس سڙڻ جو عذاب چکائينداسون. (چئبس تہ) اِها سزا اُنهن ڪمن جي ڪري آهي جو تنهنجي هٿن اڳي موڪليا آهن

اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿١٠﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّعْبُدُ ع ١٠

بيشڪ الله ناهي ظلم ڪندڙ ٻانهن تي. ۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جو عبادت ڪري ٿو

۽ (انهيءَ ڪري) ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي. ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي عبادت آسيري ڀاسيري ڪندو

اللّٰهَ عَلٰى حَرْفٍ ۚ فَاِنْ اَصَابَهٗ خَيْرُ ۨ اطْمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَاِنْ اَصَابَتْهُ

الله جي ڪناري تي. پوءِ جيڪڏهن پهتس ڪا ڀلائي ته قرار وٺندو ان سان ۽ جيڪڏهن پهتس

آهي، پوءِ جيڪڏهن کيس نفعو پهچندو آهي ته اُن سان مطمئن ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن کيس ڪو ڏک پهچندو آهي

فِتْنَةُ ۨ انْقَلَبَ عَلٰى وَجْهِهٖ ۚ خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةَ ۭ ذٰلِكَ هُوَ

ڪا تڪليف ته ڦري ويندو منهن ڀر. وڃايائين دنيا ۽ آخرت. اهوئي آهي

ته پنهنجي منهن ڀر ڦرندو آهي، دنيا ۽ آخرت گنوايائين، اِهوئي

الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ﴿١١﴾ يَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَمَا

زيان ظاهر. سڏي ٿو الله کان سواءِ ان ڪي جيڪو نه ٿو نقصان ڏئي ان کي ۽ جو

پڌرو نقصان آهي. (اهو) الله کان سواءِ انهيءَ کي سڏيندو آهي جيڪو کيس نڪي نقصان لائيندو آهي ۽ نڪي

لَا يَنْفَعُهٗ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٢﴾ يَدْعُوْا لَمَنْ ضَرُّهٗٓ

نه ٿو فائدو ڏئي ان کي. اهوئي آهي گمراهه ٿيڻ پراڻهون. سڏي ٿو ان ڪي جنهن جو نقصان

کيس نفعو ڏيندو آهي، اها ئي وڏي گمراهي آهي. انهيءَ کي سڏيندو آهي جنهن جو نقصان

اَقْرَبُ مِنْ نَّفْعِهٖ ۭ لَبِئْسَ الْمَوْلٰى وَلَبِئْسَ الْعَشِيْرُ ﴿١٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ

ويجهو آهي سندس نفعي کان. بيشڪ بڇڙو آهي اهو دوست ۽ بڇڙو سنگتي. بيشڪ الله

سندس نفعي کان وڌيڪ ويجهو آهي. بيشڪ (اهڙو) سائين بڇڙو آهي (اهڙو) همراهه (به) بڇڙو آهي!. بيشڪ

يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

داخل ڪندو انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا بهشتن ۾ وهن ٿيون انهن جي

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن.

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿١٤﴾ مَنْ كَانَ يَظُنُّ

هيٺان واهيون. الله ڪندو آهي اهو جيڪي گهرندو آهي. جيڪو گمان ڪري ٿو

بيشڪ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي. جيڪو ڀائيندو آهي ته

اَنْ لَّنْ يَّنْصُرَهُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ فَلْيَمْدُدْ بِسَبَبٍ اِلَى

ته هرگز نه مدد ڪندو ان جي الله دنيا ۽ آخرت ۾ پوءِ ٻڌي رسو متي

الله پيغمبر جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪڏهن مدد نه ڪندو، تنهن کي گهرجي ته ڇت ڏانهن رسي ٻڌي (ڦاهي) چڙهي.

السَّمَآءِ ثُمَّ لْيَقْطَعْ فَلْيَنْظُرْ هَلْ يُذْهِبَنَّ كَيْدُهٗ مَا يَغِيْظُ ﴿١٥﴾

آسمان طرف پوءِ ڦاهو ڪاٽي پوءِ ڏسي تہ ڇا نيوسندس حيلي ان کي جو ڪيس رنجائي ٿو.

وري گهرجيس تہ (اها) ڇني پوءِ نهاري تہ ان جي ان حيلي ان کي ختم ڪيو جنهن ا نکي ڪاوڙايو ٿي؟.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يُّرِيْدُ ﴿١٦﴾

۽ اهڙي طرح لاٿوسون انهي کي آيتون چٽيون ڪري ۽ بيشڪ الله هدايت ڏئي ٿو جنهن کي گهري.

۽ اهڙي طرح ان (قرآن) کي پڌرين آيتن ڪري نازل ڪيوسون ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالصّٰبِـِٕيْنَ وَالنَّصٰرٰى

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ ستارا پرست ۽ نصارا

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ۽ صابئي ۽ نصاري

وَالْمَجُوْسَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا ۖ اِنَّ اللّٰهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ

۽ باهہ جا پوڄاري ۽ جن شرڪ ڪيو يقينن الله فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾

۽ مجوسي ۽ مشرڪ آهن تن (سڀني) جي وچ ۾ الله قيامت جي ڏينهن نبيرو ڪندو.

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿١٧﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ

قيامت ڏينهن، بيشڪ الله هر شيءِ تي شاهد آهي. ڇا نہ ڏٺو تو بيشڪ

ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي حاضر آهي. (اي پيغمبر!) نہ ڏٺئي ڇا تہ

اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ وَالشَّمْسُ

الله کي سجدو ڪن ٿا جيڪي بہ آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن ۽ سج

جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي ۽ سج

وَالْقَمَرُ وَالنُّجُوْمُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَآبُّ وَكَثِيْرٌ

۽ چنڊ ۽ تارا ۽ جبل ۽ وڻ ۽ جانور ۽ ڪيترائي

۽ چنڊ ۽ تارا ۽ جبل ۽ وڻ ۽ ڍور ۽ ماڻهن مان گهڻا الله کي سجدو ڪندا آهن.

مِّنَ النَّاسِ ۗ وَكَثِيْرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ۗ وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ

انسان، ۽ ڪيترا آهن مقرر ٿيو جن تي عذاب، ۽ جنهن کي خوار ڪري الله

۽ گهڻا (ماڻهو) آهن جن تي عذاب لازم ٿيو آهي، ۽ جنهن کي الله خوار ڪندو

فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿١٨﴾ السجدة هٰذٰنِ خَصْمٰنِ السجدة ٦

تہ ناهي انهيءَ لاءِ ڪوئي عزت ڏيندڙ، بيشڪ الله ڪري ٿو جيڪي گهري. هي ٻہ ڌريون آهن جن

تنهن کي ڪو مان ڏيڻ وارو ڪونهي، ڇو تہ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي. اهي ٻئي ڌريون پاڻ ۾

اخْتَصَمُوْا فِىْ رَبِّهِمْ ز فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ
جهڳڙو ڪيو پنهنجي رب ۾، پوءِ جن ڪفر ڪيو ٽاهيا ويندا انهن جا ڪپڙا
ويري آهن. پنهنجي پالڻهار بابت تڪرار ڪندڙ آهن، پوءِ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ باهه جا ڪپڙ اوچايا ويندا.

مِّنْ نَّارٍ ط يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ج ⑲ يُصْهَرُ بِهٖ مَا
باهه مان، پرٽيو ويندو انهن جي سرن مٿان ٽچڪندڙ پاڻي، ڳري پوندو انهيءَ سان جيڪي
۽ سندن مٿن جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي هاربو. جيڪي سندن پيٽن ۾ هوندو سو

فِىْ بُطُوْنِهِمْ وَالْجُلُوْدُ ط ⑳ وَلَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِيْدٍ ㉑ كُلَّمَآ
سندن پيٽن ۾ هوندو ۽ کلون بہ. ۽ انهن لاءِ وڏاڻ آهن لوهہ جا. جڏهن
۽ کلون اُن سان ڳاربيون. ۽ انهن جي ڪُٽڻ لاءِ لوه جا وڏاڻ هوندا!. جڏهن بہ منجهانئس

اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِيْدُوْا فِيْهَا ق وَذُوْقُوْا
نڪرڻ جي ڪندا اتان جي مصيبت ڪان تہ موٽايا ويندا ان ۾، ۽ چکو
ڏک جي ڪري نڪرڻ گهرندا تڏهن منجهس وري ورائبن ۽ (چيو ويندن تہ) سڙڻ جو عذاب چکو.

عَذَابَ الْحَرِيْقِ ㉒ ع اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
عذاب باهہ جو. بيشڪ الله داخل ڪندو انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم
بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو

ع٢

الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ
چڱا باغن ۾ وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون پارايا ويندا اتي پٽا
جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون منجهن سون جا زيور ۽ موتي پارآئبا.

مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ط وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ㉓ وَهُدُوْٓا اِلَى الطَّيِّبِ
سون جا ۽ موتي، ۽ پوشاڪ انهن جي اتي ريشمي هوندي. ۽ واٽ ملي انهن کي سٺيءَ
۽ منجهن سندن پوشاڪ پَٽ جي هوندي. ۽ (دنيا ۾) ڪين چڱي ڳالهہ ڏانهن هدايت ڪئي وئي هئي.

مِنَ الْقَوْلِ صلے ج وَهُدُوْٓا اِلٰى صِرَاطِ الْحَمِيْدِ ㉔ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
ڳالهہ جي، ۽ ملي انهن کي واٽ الله ساراهيل جي. بيشڪ جن ڪفر ڪيو
۽ (الله) ساراهيل جي واٽ ڏانهن دڳ لاتا ويا هئا! بيشڪ جن ڪفر ڪيو

وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِىْ جَعَلْنٰهُ
۽ روڪيائون الله جي راهہ کان ۽ مسجد الحرام کان جنهن کي بنايو آهي اسان
۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ ۽ انهيءَ تعظيم واري مسجد (حرام) کان جهليندا آهن، جا ماڻهن لاءِ بنائي سون

لِلنَّاسِ سَوَآءَ ۨ الۡعَاكِفُ فِيۡهِ وَالۡبَادِ ؕ وَمَنۡ يُّرِدۡ فِيۡهِ بِاِلۡحَادٍۢ

ماڻهن لاءِ هڪ جهڙو آهي | ان ۾ رهاڪو | ۽ ٻاهريون. | ۽ جيڪو ارادو ڪندو ان ۾ | بي ديني ۽

۽ جنهن ۾ شهري ۽ ٻهراڙي وارا برابر آهن. ۽ جيڪو منجهس ظلم سان زيادتي جو ارادو ڪندو

بِظُلۡمٍ نُّذِقۡهُ مِنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿٢٥﴾ وَاِذۡ بَوَّاۡنَا لِاِبۡرٰهِيۡمَ مَكَانَ

جو ڏاڍ سان ته چکائينداسون ان کي | عذاب | دردناڪ. | ۽ جڏهن مقرر ڪئي سون | ابراهيم لاءِ | جاءِ

تنهن کي ڏکوئيندڙ عذاب چکائينداسون. ۽ (ياد ڪر!) جڏهن ابراهيم لاءِ بيت الله جو هنڌ مقرر ڪيوسون

الۡبَيۡتِ اَنۡ لَّا تُشۡرِكۡ بِىۡ شَيۡـًٔـا وَّطَهِّرۡ بَيۡتِىَ لِلطَّآئِفِيۡنَ وَ

هن گهر جي | ته | نه شريڪ ڪجانءِ مون سان ڪنهن کي | ۽ پاڪ رک منهنجي گهر کي | طواف ڪندڙن لاءِ | ۽

(۽ سمجهايوسون) ته مون سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪر ۽ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽

الۡقَآئِمِيۡنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿٢٦﴾ وَاَذِّنۡ فِى النَّاسِ بِالۡحَجِّ يَاۡتُوۡكَ

قيام وارن لاءِ | ۽ رڪوع | سجدي وارن لاءِ. | ۽ اعلان ڪر | ماڻهن ۾ | حج جو | ايندا توٽ

قيام ڪندڙن ۽ رڪوع ڪندڙن (۽) سجدي ڪندڙن لاءِ پاڪ رک!. ۽ ماڻهن ۾ حج جو پڙهو ڏي! ته تو ڏانهن

رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاۡتِيۡنَ مِنۡ كُلِّ فَجٍّ عَمِيۡقٍ ﴿٢٧﴾ ۙ

پيادا | ۽ | هر | ڏٻري | اُٺ تي ايندا هليا. | هر رستي | پرانهين کان.

پيادا ۽ ڏٻرين ڏاچين تي جيڪي ڏوراهين پنڌ کان ايندئون (هن لاءِ) چڙهي ايندا.

لِّيَشۡهَدُوۡا مَنَافِعَ لَهُمۡ وَيَذۡكُرُوا اسۡمَ اللّٰهِ فِىۡۤ اَيَّامٍ مَّعۡلُوۡمٰتٍ

جيئن حاضر ٿين | پنهنجن فائدن لاءِ | ۽ | وٺن | نالو | الله جو | ڏينهن | ڄاڻايلن ۾

ته پنهنجي فائدي جي هنڌ تي پهچن ۽ ڏورن مان جيڪا روزي کين الله ڏني

عَلٰى مَا رَزَقَهُمۡ مِّنۡۢ بَهِيۡمَةِ الۡاَنۡعَامِ ۚ فَكُلُوۡا مِنۡهَا وَاَطۡعِمُوا

ڪهڙن انهن جي تي جيڪي | ڏنائين انهنکي | چوپاين | جانورن مان | پوءِ کائو | ان مان | ۽ | کارايو

تنهن تي ڄاڻايل ڏينهن ۾ (ذبح مهل) الله جو نالو ياد ڪن. پوءِ انهن منجهان (پاڻ به) کائو ۽

الۡبَآئِسَ الۡفَقِيۡرَ ﴿٢٨﴾ ثُمَّ لۡيَقۡضُوۡا تَفَثَهُمۡ وَلۡيُوۡفُوۡا نُذُوۡرَهُمۡ

مسڪين | محتاج کي. | پوءِ | لاهن مُرُ | پنهنجي بدن جي | ۽ پوريون ڪن | پنهنجون باسون

عاجز فقير کي کارايو. وري پلي ته پنهنجي (جسم جي) مُرُ لاهن ۽ پنهنجون ميڃائون پوريون ڪن

وَلۡيَطَّوَّفُوۡا بِالۡبَيۡتِ الۡعَتِيۡقِ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ وَمَنۡ يُّعَظِّمۡ حُرُمٰتِ اللّٰهِ

۽ طواف ڪن | گهر | آڳاڻي جو. | اهو اٿو | ۽ جيڪو تعظيم ڪندو | الله جي عزت ڏنل شين جي

۽ هن قديم گهر جو طواف ڪن. اهو (حڪم) آهي. ۽ جيڪو الله جي عبادت جي رڪنن جو ادب ڪندو

فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ط وَاُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى

پوءِ اهو ڀلو آهي انهيءَ لاءِ سندس رب وٽ، ۽ حلال ڪيا ويا توهان لاءِ چوپايا ڍور مگر اهي جيڪي پڙهي ٻڌائبا

تنهن لاءِ اهو سندن پالڻهار وٽ ڀلو آهي، ۽ جيڪي اوهان کي پڙهي ٻڌائبو تنهن کان سواءِ ٻيا ڍور اوهان تي

عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ

توهانکي پوءِ پاسو ڪريو پليتيءَ بتن جي کان ۽ پاسو ڪريو ڳالهه

حلال ڪيا ويا تنهن ڪري بتن جي پليتي کان پاسو ڪريو ۽ ڪوڙي ڳالهه کان (بہ) پاسو ڪريو.

الزُّوْرِ ۝٣٠ حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ط وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ

ڪوڙي ڪان. هڪ طرف ٿي الله لاءِ نہ شريڪ ڪندڙ انهي سان، ۽ جيڪو شريڪ ڪندو الله سان

الله ڏانهن هڪ طرفا ٿي (۽) ساڻس شريڪ نہ مقرر ڪندڙ ٿي، (پاسو ڪريو)، ۽ جيڪو الله سان شريڪ مقرر

فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ

پوءِ ڄڻ تہ ڪريو آسمان کان پوءِ جهٽن ٿا ان کي پکي يا اڏائي ٿي انکي واءُ

ڪندو سو ڄڻڪ آسمان کان ڪِريو جنهن کي (مردار خور) پکي ڪٽي ويا يا ڪيس واءُ (اُڏائي)

فِيْ مَكَانٍ سَحِيْقٍ ۝٣١ ذٰلِكَ ق وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ

ڪنهن پرانهين جاءِ ۾ اهو اٿو ۽ جيڪو تعظيم ڪندو الله جي نشانين جي پوءِ بيشڪ اها

پري هنڌ اڇليو. اهو (حڪم) آهي، ۽ جيڪو الله جي (عبادت جي) نشانين جو ادب ڪري (بتن ۽ ڪوڙ کان پاڻ ٻلي سو

تَقْوَى الْقُلُوْبِ ۝٣٢ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ

پرهيز آهي دلين جي. توهان لاءِ انهن جانورن ۾ فائدا آهن وقت مقرر تائين پوءِ

پرهيزگار آهي) چو تہ اهو (ڪم) دلين جي پرهيزگاري مان آهي. اوهان لاءِ اُنهن (ڍورن) ۾ گهڻا نفعا مقرر مدت تائين آهن وري

مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ۝٣٣ ع وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا

پهچاڻٽو آهي ان کي خانہ ڪعبہ تائين. ۽ هر امت لاءِ جوڙي اٿئون قرباني، تہ جيئن پڙهن

قديم گهر ڏانهن (ڪُسڻ لاءِ) پهچڻ جو هنڌ اٿن. ۽ هر ڪنهن ٽوليءَ لاءِ قرباني جو طريقو، هن لاءِ مقرر ڪيوسون

اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ط فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

نالو الله جو ذبح انهي تي جيڪي ڏنائين چوپاين جانورن مان، پوءِ مالڪ اوهان جو الله

تہ ڪين ڍورن مان جيڪا روزي الله ڏني تنهن تي (قرباني ڪرڻ مهل) الله جو نالو ياد ڪن. پوءِ اوهان جو معبود هڪ الله

وَّاحِدٌ فَلَهٗٓ اَسْلِمُوْا ط وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ۝٣٤ لا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ

اڪيلو آهي پوءِ انهيءَ جي فرمانبرداري ڪريو، ۽ بشارت ڏج عاجزي ڪندڙن کي. جيڪي جڏهن نالو وٺجي الله جو

آهي تنهن ڪري سندس حڪم مڃيو، ۽ اُنهن عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ڏي. جن جون دليون جڏهن الله ياد

وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَآ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِي

تہ ڊڄي وڃن دليون انهن جون ۽ صبر ڪندڙن کي جي مصيبت پوي انهن تي ۽ قائم ڪندڙن

ڪبر آهي (تڏهن) ٿڙڪنديون آهن ۽ (پڻ انهن ماڻهن کي جو) جيڪي مٿن آيو تنهن تي صبر ڪندڙ آهن ۽ نماز

الصَّلٰوةِ ۙ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ

نماز کي ۽ جيڪي اسان ڏنو اٿن انهيءَ مان خرچ ڪن ٿا. ۽ قرباني جا اٺ ڪيوسون انهنکي توهان لاءِ

پڙهندڙ آهن ۽ ڪين جيڪا روزي ڏني سون تنهن مان خرچيندا آهن. ۽ قرباني وارن اُٺن کي اوهان لاءِ

مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ

نشانيون الله جون توهان جي لاءِ ان ۾ ڀلائي آهي پوءِ پڙهو نالو الله جو انهن تي قطار بنائي،

الله جي عبادت جي نشانين مان ڪيوسون منجهس اوهان لاءِ ڀلائي آهي پوءِ (قرباني ڪرڻ مهل) قطار ٻڌائي مٿن الله جو نالو ياد

فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ؕ

پوءِ جيڪڏهن ڪري پون پاسي ڀر تہ کائو انهيءَ مان ۽ کارايو نہ گهُرندڙ ۽ گهرندڙ کي،

ڪريو. پوءِ جڏهن اُهي (ڪُسجڻ کان بعد) پاسن ڀر ليٽن تڏهن منجهانئن کائو. ۽ (فقيرن مان) گهرندڙ ۽ نہ گهرندڙ کي کارايو.

كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٣٦﴾ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا

اهڙي طرح تابع ڪياسون جانور توهان لاءِ تہ جيئن شڪر ڪريو. هرگز نہ پهچندو الله وٽ گوشت انهن جو

اهڙيءَ طرح اُهي اوهان کي تابع ڪري ڏناسون تہ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو. نڪي اُنهن (قربانين) جو گوشت ۽ نڪي اُنهن جو

وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا لَكُمْ

۽ نہ رت انهن جو پر پهچندي ان وٽ سچائي اوهان جي، اهڙي طرح تابع ڪياسون اهي توهان لاءِ

رت الله کي پهچندو آهي پر اوهان جي پرهيزگاري الله کي پهچندي آهي، اهڙيءَ طرح هي (جانور) اوهان کي تابع ڪري ڏنائين تہ

لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ

تہ جيئن الله جي وڏائي بيان ڪريو ان تي جو هدايت ڪيائين توهانکي، ۽ بشارت ڏڄ احسان ڪندڙن کي. بيشڪ الله

جيئن اوهين الله جي وڏائي (هن شڪراني سببان) بيان ڪريو جو اوهان کي هدايت ڪيائين. ۽ ڀلارن کي خوشخبري ڏي.

يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ﴿٣٨﴾ ع

دفاع ڪري ٿو مومنن جو، بيشڪ الله نہ ٿو پسند ڪري هر خيانت ڪندڙ بي شڪر کي.

بيشڪ الله مؤمنن کان (سندن ويري) ٽاريندو آهي، ڇو تہ الله هر خيانت ڪندڙ بي شڪر کي دوست نہ رکندو آهي.

اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ

لڙائي جو اذن مليو انهن کي جن سان لڙائي ڪئي وئي جو انهن تي ظلم ڪيو ويو هئو، ۽ بيشڪ الله انهن جي مدد تي

جن سان (ڪافر) وڙهندا آهن تن کي (جهاد لاءِ) اُنهيءَ ڪري موڪل ڏني وئي جو اُنهن تي ظلم ڪيو ويو آهي، ۽ بيشڪ الله

لَقَدِيْرُ ﴿٣٩﴾ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا

قادر آهي. اهي جن کي ڪڍيو ويو پنهنجي گهرن مان نا حق رڳو هن تي جو چون پيا

ڪين مدد ڏيڻ تي وس وارو آهي. جن کي پنهنجن ديسن مان ناحق (هن ڪري) لوڏيو ويو جو (هن) چوڻ ڪان

رَبُّنَا اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ

اسانجو پالڻهار الله آهي، جيڪڏهن نه هجي ها دفاع الله جو هڪڙن ماڻهن کي ٻين سان ته ڊاٺا وڃن ها

سواءِ (ٻيو) نه چيائون ته اسان جو پالڻهار الله آهي، ۽ جيڪڏهن ڪن ماڻهن سان ڪن کي الله نه ٽاري ها ته (جيڪ)

صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ؕ

حجرا ۽ مڙهيون ۽ عبادت گاهون ۽ مسجدون جن ۾ ذڪر ڪئي ٿو الله جي نالي جو گهڻو.

خانقاهون ۽ گرجائون ۽ ڪنيسا ۽ مسجدون جن ۾ الله جو نالو گهڻو ياد ڪبو آهي سي ضرور ڊاٺيون وڃن ها.

وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٤٠﴾ اَلَّذِيْنَ

۽ ضرور مدد ڪندو الله انهيءَ جي جيڪو مدد ڪندو ان جي، بيشڪ الله طاقت وارو آهي زبردست آهي. اهي ٿي ماڻهو

۽ جيڪو الله (جي دين) جي مدد ڪندو آهي تنهن کي الله ضرور مدد ڏيندو آهي، بيشڪ الله زبردست (۽) زور

اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا

جيڪڏهن طاقت ڏيون انهن کي ملڪ ۾ ته اهي قائم ڪندا نماز ۽ ڏيندا زڪوات ۽ حڪم ڪندا

وارو آهي. انهن ماڻهن کي جو جيڪڏهن زمين ۾ غلبو ڏينداسون ته نماز قائم ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا

بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٤١﴾ وَاِنْ

چڱن ڪمن جو ۽ روڪيندا براين کان ۽ الله لاءِ آهي پڇاڙي هر ڪم جي. ۽ جيڪڏهن

۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ بُرن ڪمن کان روڪيندا، ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله لاءِ آهي. ۽ (اي پيغمبر!)

يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّثَمُوْدُ ﴿٤٢﴾ وَ

ڪوڙو ٿا ڪن توکي ته ڪوڙو ڪيو هئو انهن کان اڳين به نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود. ۽

جيڪڏهن توکي ڪوڙو پائئين ٿا ته بيشڪ کانئن اڳ نوح جي قوم ۽ عادين ۽ ثمودين (پيغمبرن کي) ڪوڙو ڄاتو هو.

قَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَقَوْمُ لُوْطٍ ﴿٤٣﴾ وَّاَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَكُذِّبَ مُوْسٰى

قوم ابراهيم ۽ لوط جي قوم. ۽ مدين وارن، ۽ ڪوڙو ڪيو ويو موسيٰ کي

۽ ابراهيم جي قوم ۽ لوط جي قوم (به)، ۽ مدين وارن (به پنهنجي پيغمبر کي ڪوڙو ڄاتو)، ۽ موسيٰ کي (به) ڪوڙو

فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٤﴾ فَكَاَيِّنْ

پوءِ مون ڍر ڏني منڪرن کي آخر پڪڙيم انهنکي، پوءِ ڪيئن هئي منهنجي سزا. سو ڪيترائي

ڄاتو ويو پوءِ انهن ڪافرن کي ڍر ڏنم وري کين پڪڙيم، پوءِ منهنجي سزا ڪهڙي (نه سخت) هئي!. پوءِ ڪيترائي

مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ز

ڳوٺ تباهه ڪياسون انهن کي ۽ اهي هئا ظلم ڪندڙ پوءِ اهي اونڌا ٿيا پنهنجن ڇتين تي

ڳوٺ آهن جن کي ناس ڪيوسون ۽ اهي ظالم هئا پوءِ اهي پنهنجن ڇتين سميت ڊٺل آهن

وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿٤٥﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ

۽ ڪيترائي کوهه بيڪار ٿيل ۽ ڪيترين ئي ماڙيون مضبوط. ڇا پوءِ نه گهميا آهن ملڪ ۾

۽ گهڻا کوهه اجڙيل ۽ ڪيئي بلند ماڙيون (سڃيون پيون) آهن. پوءِ ملڪن ۾ نه گهميا آهن ڇا؟

فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ج

پوءِ هجن انهن کي دليون سمجهن جن سان ۽ ڪن ٻڌن جن سان.

ته ڪين (اهڙيون) دليون هجن جن سان اهي سمجهن ۽ ڪين (اهڙا) ڪَن هجن جن سان ٻُڌن.

فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ

پوءِ ناهن انڌيون اکيون پر انڌيون آهن دليون جيڪي

بيشڪ هيءَ (حالت) آهي ته سندن اکيون انڌيون نه آهن پر دليون انڌيون اٿن جيڪي

فِي الصُّدُوْرِ ﴿٤٦﴾ وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ط

سينن ۾ آهن. ۽ تکڙو گهرن ٿا توکان عذاب ۽ هرگز نه ڦيرائيندو الله پنهنجو وعدو.

(سندن) سينن ۾ آهن. ۽ (اي پيغمبرا) توکان عذاب جو جلد اچڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجو انجام ڪڏهن ابتو

وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿٤٧﴾ وَكَاَيِّنْ

۽ هڪ ڏينهن تنهنجي رب وٽ آهي جهڙو هزار سال ان مان جيڪي توهان ڳڻيندا آهيو. ۽ ڪيترائي

نه ڪندو. ۽ تنهنجي پالڻهار وٽ هڪ ڏينهن اوهان جي ڳاڻيٽي جي هزار ورهه جي برابر آهي. ۽ گهڻا

مِّنْ قَرْيَةٍ اَمْلَيْتُ لَهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ج وَاِلَيَّ

ڳوٺ ڍر ڏنم جن کي ۽ اهي هئا ڏوهاري پوءِ پڪڙيم انهن کي، ۽ مون ڏانهن ئي

ڳوٺ آهن جن کي مهلت ڏنم ۽ اهي ظالم هئا وري ڪين پڪڙيم، ۽ مون ڏانهن موٽڻ آهي.

الْمَصِيْرُ ﴿٤٨﴾ ع قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَآ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٩﴾ ج ع١٤

موٽڻو آهي. چؤ اي انسانو! رڳو آءٌ توهانکي ڊيڄاريندڙ آهيان پڌرو.

(اي پيغمبرا) چئو ته اي انسانو! آءٌ اوهان کي رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ

سو جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم انهن لاءِ بخشش آهي ۽ روزي

پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي.

كَرِيْمٌ ﴿٥٠﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ
عزت واري. ۽ جيڪي ڊوڙيا اسان جي آيتن ۾ عاجز ڪرڻ لاءِ اهي ئي
۽ جيڪي اسان جي آيتن جي جهڪي ڪرڻ ۾ ڊوڙيا سي دوزخي آهن.

اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّلَا نَبِيٍّ اِلَّآ
دوزخ وارا آهن. ۽ نه موڪليوسين توکان اڳي ڪو رسول يا نبي مگر
۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳ نه ڪوئي پيغمبر ۽ نه ڪوئي نبي موڪليوسون پر جڏهن

اِذَا تَمَنّٰٓى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ فِيْٓ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي
جڏهن پڙهي پڙهائيندو هو ته ملاوت ڪندو هو شيطان ان جي پڙهي پڙهائڻ ۾ پوءِ ميساريندو آهي الله جيڪي ملاوت ڪندو آهي
(انساني) آرزو ڪيائون تڏهن شيطان سندس آرزوءَ ۾ (حرڪت) وجهڻ لڳو پوءِ جيڪي شيطان وڌو سو الله

الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٢﴾ لِّيَجْعَلَ
شيطان پوءِ مضبوط ڪندو آهي الله پنهنجن آيتن کي. ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي. جيئن ڪري
متائيندو رهيو وري الله پنهنجن آيتن کي محڪم ڪري ٿو. ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. هن لاءِ ته

مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْقَاسِيَةِ
ان کي جا ملاوت ڪري ٿو شيطان آزمائش انهن لاءِ جن جي دلين ۾ مرض آهي ۽ نٺر آهن
جيڪا شيطان (حرڪت) وڌي تنهن سان انهن کي (ڏار ڪري) پرکي جن کي دلين ۾ بيماري آهي ۽ سندن دليون

قُلُوْبُهُمْ ۗ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ
جن جون دليون. ۽ بيشڪ اهي ظالم مخالفت پرانهين ۾ آهن. ۽ جيئن ڄاڻن جن کي
سخت آهن. ۽ بيشڪ ظالم وڏي ڦيٽي ۾ آهن. ۽ ته جن کي علم ڏنو ويو سي ڄاڻن ته

اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ
ڏنو ويو علم ته بيشڪ اهوئي حق آهي تنهنجي رب کان پوءِ ايمان آڻين ان تي پوءِ جهڪي پون الله لاءِ
اهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچ آهي پوءِ ان تي ايمان آڻين ۽ سندن دليون الله لاءِ عاجزي ڪن.

قُلُوْبُهُمْ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٤﴾
دليون انهن جون. ۽ بيشڪ الله ڏيکاريندڙ آهي ايمان وارن کي رستو سڌو.
۽ بيشڪ الله مؤمنن کي سڌي واٽ ڏانهن ضرور رستو ڏيکاريندڙ آهي.

وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ
۽ هميشه رهندا ڪافر شڪ ۾ قرآن کان جيستائين اچي انهن وٽ قيامت
۽ ڪافر انهي (وحي) کان (ايسين) سدائين شڪ ۾ هوندا جيسين اوچتو وٽن قيامت پهچي

بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ﴿٥٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ط

اوچتو يا اچي انهن وٽ عذاب ڏينهن نياڳي جو. بادشاهي تنهن ڏينهن الله جي آهي.

يا نياڳي ڏينهن جو عذاب وٽن پهچي. انهيءَ ڏينهن الله جي بادشاهي آهي. (اهو)سندن وچ ۾

يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ط فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ جَنّٰتِ

فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾. پوءِ جن ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا رهندا باغن

نبيرو ڪندو. پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي نعمتن وارن باغن ۾ هوندا.

النَّعِيْمِ ﴿٥٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ

نعمت وارن ۾. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي پوءِ اهي ئي آهن جن لاءِ عذاب

۽ جن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو سي اهي آهن جن لاءِ خواري وارو

مُّهِيْنٌ ﴿٥٧﴾ ع وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا

خوار ڪندڙ آهي. ۽ جن هجرت ڪئي راهه الله جي ۾ پوءِ شهيد ٿيا يا مري ويا

عذاب آهي. ۽ جن الله جي واٽ ۾ ديس ڇڏيو وري ڪُسجي ويا يا مُئا تن کي

لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزْقًا حَسَنًا ط وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٥٨﴾

ته ضرور رزق ڏيندو انهن کي الله رزق چڱو. ۽ بيشڪ الله يلو رزق ڏيندڙ آهي.

الله چڱو رزق ڏيندو، ۽ الله چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ط وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿٥٩﴾

ضرور داخل ڪندو انهن کي اهڙي جاءِ ۾ پسند ڪندا ان کي، ۽ بيشڪ الله علم رکندڙ بردبار آهي.

جو هنڌ هنن کي وڻندو تنهن ۾ ضرور کين داخل ڪندو. ۽ بيشڪ الله ضرور ڄاڻندڙ بردبار آهي.

ذٰلِكَ ج وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ

اهو هيءَ ته، جنهن بدلو ورتو اوترو ئي جيترو ڪيس ايذايو ويو پوءِ ظلم ڪيو ويو ان تي ته

اِهو (فيصلو) آهي، ۽ جيڪو جيترو ايذايو وڃي اوترو ايذائي، وري مٿس زيادتي ڪئي وڃي

لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ط اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿٦٠﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ

ضرور مدد ڪندو ان جي الله، بيشڪ الله معاف ڪندڙ بخشيندڙ آهي. اهو هن ڪري ته الله داخل ڪندو آهي

ته اُن (ايذايل) کي الله مدد ڏيندو. بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي. اِها (مدد) هن سببان آهي ته الله

الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ

رات کي ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪندو آهي ڏينهن کي رات ۾ ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ

رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ (هن ڪري) ته الله ٻڌندڙ

بَصِيْرٌ ﴿٦١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ

ڏسندڙ آهي. اهو هن ڪري ته الله ئي حق آهي ۽ جنهن کي سڏين ٿا انهي

ڏسندڙ آهي. اها (مدد) هن ڪري آهي ته الله پاڻ برحق آهي ۽ الله کان سواءِ جنهن کي سڏيندا آهن

دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ

کان سواءِ اهو باطل آهي ۽ الله ئي مٿاهون وڏو آهي. ڇا نه ڏٺو تو ته

سو ڪوڙو آهي ۽ (هن ڪري) ته الله ئي مٿاهون تمام وڏو آهي. (اي پيغمبرا) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته الله

اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ز فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ط

الله لاٿو آسمان کان پاڻي پوءِ ٿئي ٿي ڌرتي ساوڪ واري،

آسمان مان (مينهن جو) پاڻي وسايو؟ پوءِ زمين ساول واري ٿيندي آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿٦٣﴾ ج لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ط

بيشڪ الله مهرباني ڪندڙ خبر رکندڙ آهي. انهيءَ جوئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي،

جو ته الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي،

ع ٧ ١٥ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٦٤﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا

۽ بيشڪ الله ئي بي پرواهه ساراهيل آهي. ڇا نه ڏٺو تو ته الله تابع ڪيو توهان لاءِ جا شيءِ

۽ الله ضرور بي پرواهه ساراهيل آهي. (اي پيغمبرا) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته جيڪي زمين ۾ آهي سو الله

فِي الْاَرْضِ وَالْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ط وَيُمْسِكُ السَّمَآءَ

زمين ۾ آهي ۽ ٻيڙيءَ کي جا هلي ٿي سمنڊ ۾ اُن جي حڪم سان، ۽ روڪي ٿو آسمان کي

اوهان لاءِ نوايو آهي ۽ ٻيڙيون درياءَ ۾ سندن حڪم سان ترنديون آهن، ۽ آسمان کي

اَنْ تَقَعَ عَلَى الْاَرْضِ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ط اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ

ڪري پوڻ کان زمين تي مگر سندس حڪم سان، بيشڪ الله ماڻهن تي نرمي ڪندڙ

زمين تي ڪرڻ کان جهليندو آهي پر (جي ڪيرائيس ته) سندس اختيار آهي. بيشڪ الله ماڻهن تي ٻاجهارو

رَّحِيْمٌ ﴿٦٥﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَحْيَاكُمْ ز ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ط

مهربان آهي ۽ انهيءَ ئي جيئرو ڪيو توهان کي پوءِ ماريندو توهان کي وري جياريندو توهانکي،

مهربان آهي. ۽ اهو ئي آهي جنهن اوهان کي جياريو وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو،

اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ نَاسِكُوْهُ

بيشڪ انسان بي شڪر آهي. هر امت لاءِ اسان ڪيو سندن طريقو جو اهي هلن پيا انهيءَ تي

بيشڪ انسان بي شڪر آهي. سڀ ڪنهن ٽوليءَ لاءِ هڪ شريعت مقرر ڪئي سون جنهن تي اهي عمل ڪندڙ آهن، پوءِ جڳائين ته

فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْاَمْرِ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ ط اِنَّكَ لَعَلٰى
پوءِ نہ اختلاف ڪن توسان هن ڪم ۾ تون سڏ پنهنجي رب ڏانهن. بيشڪ تون ٿي
توسان هن ڪم ۾ جهڳڙو نہ ڪن ۽ (تون) پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيندو رهہ. بيشڪ تون

هُدًى مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٦٧﴾ وَاِنْ جٰدَلُوْكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ
رستي سڌي تي آهين. ۽ جيڪڏهن جهڳڙو ڪن توسان پوءِ تون چئو الله بهتر ڄاڻندڙ آهي
سڌي واٽ تي آهين. ۽ جيڪڏهن توسان جهڳڙو ڪن تہ چئو تہ، جيڪي ڪندا آهيو

بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٨﴾ اَللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا
جيڪي توهان ڪريو ٿا. الله فيصلو ڪندو توهان ۾ قيامت ڏينهن جنهن ۾
تنهن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي. جنهن بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو تنهن بابت قيامت جي

كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا
توهان اختلاف ڪندا هئا. ڇا نہ ڄاڻو تون تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي
ڏينهن الله اوهان جي وچ ۾ نبيرو ڪندو. (اي پيغمبرا) معلوم نہ اٿيئي ڇا تہ جيڪي

فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ط اِنَّ ذٰلِكَ فِيْ كِتٰبٍ ط اِنَّ ذٰلِكَ
آسمان ۽ زمين ۾ آهي. بيشڪ اهو ڪتاب ۾ آهي. بيشڪ اهو
آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي؟ بيشڪ اها (ڳالهہ) ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ لکيل آهي.

عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿٧٠﴾ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا
الله تي آسان آهي. ۽ عبادت ڪن ٿا الله کان سواءِ ان شيءِ جي
بيشڪ اهو الله تي آسان آهي. ۽ (ڪافر) الله کان سواءِ انهيءَ کي پوڄيندا آهن

لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّمَا لَيْسَ لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ط
نہ لاٿو الله جنهن لاءِ ڪو ثبوت ۽ ان شيءِ جي ناهي انهن وٽ جنهن جي ڪا ڄاڻ.
جنهن لاءِ ڪا سند نہ لاٿي اٿس ۽ (پڻ) انهيءَ کي (پوڄيندا آهن) جنهن جي ڪين ڪا

وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ﴿٧١﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ
۽ ناهي ظالمن لاءِ ڪوئي مددگار. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي
خبر نہ آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار ڪونهي. ۽ جڏهن اسان جون چٽيون

اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمُنْكَرَ ط
آيتون اسان جون چٽيون تہ ڏسندين منهن ۾ ڪافرن جي سونڊ،
آيتون کين پڙهي ٻڌائيبون آهن تڏهن ڪافرن جي منهن ۾ ناراضپو سڃاڻندو آهين.

يَكَادُوْنَ يَسْطُوْنَ بِالَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ؕ قُلْ

اجهو ٿا | حملو ڪن | انهن تي جيڪي | پڙهن ٿا | انهن تي | اسانجون آيتون، | تون چؤ

جيڪي مٿن اسان جون آيتون پڙهندا آهن تن تي ڪاهي پوڻ لاءِ ويجها ٿيندا آهن. (اي پيغمبر!)

اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِيْنَ

ڇا خبر ڏيان توهان کي | انهي کان زور | بڇڙي شيءِ جي، | اها باهه آهي، | انهي جو انجام ڪيو آهي | الله

کين چئو ته، هن کان وڌيڪ بڇڙي ڳالهه جي سُڌ اوهان کي ڏيان ڇا؟ (اها) باهه آهي. جنهن جو الله

كَفَرُوْا ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٢﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ

ڪافرن سان، | ۽ | اها بڇڙي آهي | جاءِ موٽڻ جي. | اي | انسانو! | بيان ڪجي ٿو | مثال

ڪافرن کي انجام ڏنو آهي، ۽ اها جاءِ بڇڙي آهي. اي انسانو! هڪ مثال بيان

فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

پوءِ ڪن ڏئي ٻڌو | انکي، | بيشڪ | جن کي | پڪاريو ٿا | الله کان سواءِ

ڪجي ٿو اهو اوهين ٻڌو، بيشڪ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو

لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّلَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَاِنْ يَّسْلُبْهُمُ

اهي هرگز نه پيدا ڪندا | مک کي | توڙي جو | سڀ گڏجن | انهي لاءِ، | ۽ جيڪڏهن | کسي انهن کان

سي ڪا مک به پيدا نه ڪندا آهن، توڙيڪ اُن (جي بڻائڻ) لاءِ سڀئي گڏ ٿين. ۽ جيڪڏهن مک

الذُّبَابُ شَيْئًا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ

مک | ڪا شيءِ | ته نه ڇڏائي سگهندا اها | ان کان، | ڪمزور آهي | گهرندڙ

کانئن ڪا شيءِ کسي وٺي ته اها کانئس ڇڏائي به نه سگهندا. طالب ۽ مطلوب (يعني پوڄاري ۽ بت)

وَالْمَطْلُوْبُ ﴿٧٣﴾ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ | جنهن کان گهرجي، | نه قدر ڪيائون | الله | جو سندس قدر آهي، | بيشڪ | الله

ٻئي هيڻا آهن. جهڙو الله جو قدر آهي (تهڙو) سندس قدر ڀڄاءِ نه آندائون. بيشڪ الله

لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٧٤﴾ اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا

سگهارو | زبردست آهي، | الله | چونڊي ٿو | ملائڪن مان | رسول

ڏاڍو طاقتور (۽) غالب آهي. الله ملائڪن ۽ ماڻهن مان

وَّمِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٧٥﴾ ج يَعْلَمُ مَا

۽ | ماڻهن مان پڻ، | الله | ٻڌندڙ | ڏسندڙ آهي، | ڄاڻي ٿو | اهو جيڪو

پيغام پهچائڻ وارا چونڊيندو آهي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. جيڪي سندن اڳيان

بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٧٦﴾

انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن کان پٺيان آهي، ۽ الله ڏانهن ئي موٽايا ويندا سمورا ڪم.

۽ جيڪي سندن پويان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي. ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم موٽايا وڃن ٿا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَ اسْجُدُوْا وَ اعْبُدُوْا

اي ايمان وارو! رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪريو ۽ بندگي ڪريو

اي ايمان وارو! رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪريو ۽ پنهنجي

رَبَّكُمْ وَ افْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٧٧﴾ السجدة وَجَاهِدُوْا

پنهنجي رب جي ۽ ڪريو خير جا ڪم جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽ جهاد ڪريو

پالڻهار جي عبادت ڪريو ۽ چڱا ڪم ڪريو ته مَن (اوهين) ڇُٽو. ۽ الله (جي دين)

فِى اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا

الله لاءِ حق جو جهاد، انهي ئي چونڊيو آهي توهان کي ۽ نه

۾ اهڙو جهاد ڪريو جهڙو اُن جي جهاد جو حق آهي. اُنهيءَ اوهان کي چونڊيو ۽ اوهان

جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِى الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ

ڪيائين توهان تي دين ۾ ڪا تنگي، دين توهان جي پيءُ

تي دين ۾ ڪا تنگي نه ڪيائين. اوهان جي پيءُ ابراهيم وارو دين (اوهان جو دين ڪيائين).

اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ مِنْ قَبْلُ وَ فِىْ هٰذَا

ابراهيم جو، انهيءَ ڪوٺيو توهان کي مسلمان، اڳي ئي ۽ هن قرآن ۾ به

الله اوهان جو نالو هن کان اڳ ۽ هن (قرآن) ۾ مسلمان هن لاءِ رکيو ته

لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ

جيئن هجي رسول رهبر توهان جو ۽ توهان هجو رهبر

پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان تي شاهد هجي ۽ اوهين ماڻهن تي شاهد هجو.

عَلَى النَّاسِ ۖۚ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا

ماڻهن جا، پوءِ قائم ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽ چنبڙي پئو

پوءِ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله کي چنبڙي وٺو. (جو) اهو

بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٧٨﴾ ع

الله کي، اهو مالڪ آهي توهانجو پوءِ واهه جو مالڪ آهي ۽ واهه جو مددگار آهي.

اوهان جو سائين آهي، پوءِ چڱو سائين ۽ چڱو مددگار آهي.

السجدة عند الامام الشافعي رحمة الله تعالىٰ

ع ١٠

